
منهنجا معصوم سپڻ
وينا شرنگي

منھنجا معصوم سچڻ

(مونو لاگ)

وينا شرنگي

پروميلا پبليڪيشن
اِندرپوري، نئي دھلي - 110012 C-84

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

MUHINJA MASOOM SAJHAN

By © **Veena Shringi**

First Edition **: 1989**

Price Rs. **35.00/-**

Published by **: Promila Publication,**

C–84, Inderpuri

New Delhi – 110012

Typing & Composed by **: S**ubhash **A**rora

H-7, Kasturba Niketan Complex,

Lajpat Nagar – II, New Delhi – 110024.

Mob.# 8586998847

Printed by **: Kaushal Printing Press,**

3, Dayanand Market, Kaiser Ganj,

Ajmer – 305001.

(Copy Rights with Author)

انتساب

ڪئيڙو مست پرينءَ جي ناز مونکي
وسريو روزو ناهي ياد نماز مونکي

حضرت سچل سرمست

وينا شرنگي

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”منهنجا معصوم سجڻ“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب هند جي ناماري ليکڪا **وينا شرنگي** جي مونولاگ جي صورت ۾ لکيل ناول (يادن جو مجموعو) آهي. هوءَ لکي ٿي:

"منهنجا معصوم سجڻ" هي ڪا صرف منهنجي نہ پر سجڻ تنهنجي زندگي آ..... منهنجي زندگي آ..... اسان سڀني جي زندگي سمايل آ.....

" **منهنجا معصوم سجڻ** " ڪنهن هڪ وينا يا وشال جي داستان نہ آهي، پر اِنساني زندگيءَ جا اَلڳ اَلڳ روپ آهن. "منهنجا معصوم سجڻ" ڪهڙي وينا جو اِظهار آهي اُن ڪان ناواقف آهيان جا مون ڪان منهنجو وجود ڦري رهي آهي.

هي ڪتاب 1989ع ۾ پروميلا پبليڪيشن نئين دهلي پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري وينا شرنگيءَ جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نـظـم

تاريخ جي ڪروٽ سان

زماني جي گردش سان

ڪئي قومون ۽ هستيون

مٽجنديون رهيون

اُڀرنديون رهيون

ڪمال ۽ زوال

جي چڪر ۾

پسجنديون رهيون

پر

جا قوم

وقت جي ستم ظريفيءَ سان

پنهنجي ئي هٿان لٽجندي رهي،

ڪُسجندي رهي

تو ڏٺي

پر ...... پر ......

ان کي ڏٺو اڻ ڏٺو

تو ڪيو مون ڪيو

گڏ زماني پي ڪيو.

ليڪڪا پاران.....

" **منهنجا معصوم سڄڻ** " ڪنهن هڪ وينا يا وشال جي داستان نہ آهي، پر اِنساني زندگيءَ جا اَلڳ اَلڳ روپ آهن. "منهنجا معصوم سڄڻ" ڪهڙي وينا جو اِظهار آهي اُن کان ناواقف آهيان جا مون ڪان منهنجو وجود ڦُري رهي آهي. جيئن پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي تيئن وڻ ويڙهيءَ جيان منهنجي ٻاهرين شخصيت کي پاڻ طرف گهليندي پئي وڃي. هن تصنيف جو جنم اوچتو ٿيو. هڪ ڏهاڙي مان ۽ منهنجي تنهائي ٻنهي جي وچ ۾ ٿئين آواز جي ديوار...... ان ٿئين آواز سان گفتگو سان ٿيو. "منهنجا معصوم سڄڻ" جو جنم.

پنهنجي قلم جو پورهيو حضرت سچل سرمست کي منسوب ڪري رهي آهيان جنهن حق جي صدا بلند ڪئي ۽ ناحق خلاف آواز اُٿاريو. ڪنهن هنڌ ڄاڻايو ويو آهي تہ سچل سرمست (936600) نو لک ڇٽيهہ هزار ڇهہ سؤ شعر لکيا. شاديءَ جي ٻن سالن ڪانپوءِ سندن گهرواري گذاري وئي ۽ هڪ پٽ جو اولاد ڇڏي ويئي تنهن ڪانپوءِ شادي ڪانہ ڪيائون ۽ تنهائي پسند هئا. رمضان شريف جي مهيني ۾ هن فاني جهان کي الوداع ڪيائون. سچل سرمست اِنساني استحصال جا پيانڪ روپ ڏٺا ۽ قلم ذريعي اُنهن ڇهرن کي بي نقاب ڪيو جن مذهب جي ناءُ تي ابوجهہ ۽ معصوم عوام جو استحصال ڪيو. هٺ ٺوڪيل مذهب جي ٺيڪيدارن جيڪي مذهب جي ناءُ تي فتنو ۽ فساد ڪرائيندا هئا، جن غلط تشريحن ذريعي فتوائون ڏيئي انصاف جو قتل ڪيو، معصوم عوام جو استحصال ڪيو سچل سائين اُنهن خلاف آواز اُٿاريو "**سچو سچو نام چوي**".

سچائيءَ جو آواز ٻڌي ڪوڙ واءِويلا ڪرڻ لڳو .... پر.... پر.... اُنهن لاءِ سچوءَ جو جواب هو.

" ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،
آئون جو هي آهيان سو هي آهيان. "
(سچل)

اِها حق ۽ ناحق جي ويڙهه ڪالهه به هئي ته اڄ به جاري آهي ۽ آئيندي به رهندي، صرف چهرا ۽ نالا بدلجندا رهن ٿا. سچائيءَ جي اظهار تي نام نهاد غيرت مندن جي غيرت ڦڙڪو ڪائي ٿي اُٿي. انفرادي (Individual) غيرت جو وتن واعظ ڪندا. پر جي جاتيءَ ۽ ٻوليءَ جي مجموعي (Collective) غيرت جو سوال ٿو اُٿي ته **"ڪاريءَ هيٺان ڪانوَ"** وانگر ڀڄن. شريف اِنسانن جي اڪثريت جو دادگير اقليتي ٽولي طرفان استحصال.... ان جا نوان نوان طور طريقا ايجاد ڪيا ويا آهن. اِنسان ۽ شيطان وچ ۾ اِها جنگ پيڙهي در پيڙهي هلندي پئي اچي. دنيا جو اِهو دستور پئي رهيو آهي ته سرحدي ڦهلاءُ جي هٻچ ۽ پنهنجي حاڪميت جو سڪو ڄمائڻ لاءِ حاڪمن تلوار جي زور تي پنهنجي ڌاڪ ڄمائڻ لاءِ پنهنجي مخالف جاتيءَ جي نسل-ڪشي ڪري اُنهن کي اقليت ۾ آندو آهي ۽ جابر پاڻ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انهن جي تهذيب ۽ ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جا نت نوان طور طريقا اپنائي ان قوم کي لتاڙيو آهي، پنهنجي هٿ ٺوڪين چمچن دلالن ۽ احمقن کان پنهنجي شان ۾ قصيدا لکارائي پنهنجي تاريخ جوڙي آهي.

اڄ اسان وٽ به اقليتي استحصالي ٽولي نسل-ڪشيءَ جو نئون انداز اپنايو آهي. سماج سيوا، ٻولي، تهذيب و تمدن جي واڌاري ۽ ٻوليءَ جي ناءُ تي چهرن تي مکوٽا چاڙهي، جاتيءَ جي نسل ڪشي يعني Genocide يعني نرسنگهار جو نئون انداز اپنايو آهي. اِهو ٽولو رات ڏينهن گهر ۾ ڪاٺ هڻڻ ۾ جٽيل آهي. انهن جي ڪاتي پنهنجي شڪار کي آهستي آهستي ذلت ۽ عذاب ڏيئي نڊال ۽ مرڻينگ حالت تائين پهچائي پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿي ان ننگي ناچ کي جديد الفاظن جي چادر سان ڍڪي نوان نوان خطاب ڏيئي ڪردارڪشيءَ جي

غير اِخلاقي تفريح ماڻي رهيو آهي. مٿان اها صدا بلند ڪري رهيو آهي ته اسين چاهيون ٿا ته اسان جي اکين ٻوٽڻ کان پوءِ جاتيءَ لاءِ ڪو مشعالي راهه ٻڻي، جاتيءَ جي شمع روشن ڪري. اسين پنهنجا امانتدار ڇڏڻ چاهيون ٿا جيئن اسان جي ڪو جاءِ والاري. غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي چاليهن (40) سالن کان مٿي عرصو ٿيو پر.... پر اجان تائين گدي نشين چوندڙ واري ڪهني رسم نئين انداز سان جاري آهي. ان واعظ جو پڙاڏو ايڏو ته زوردار آهي جو سچائيءَ جو حليم آواز دٻجي وڃي. اِهو لڏو صرف تعبيدار ته پيدا ڪرڻ چاهي ٿو پر تخليق ڪار نه.... اگر ڪنهن قلم جو پورهيو ڪيو ۽ اِن سان محبت ڪئي ته واسينگ نانگ وانگر ڦڻ ڪڍي ڏنگي ڇڏيندا جن جا چهرا زهر اُتڻ وقت ڪاراٽيو وڃن.

"منهنجا معصوم سچڻ" هن تصنيف ۾ ڪردار ڪڏهن ڪهڙو لباس اوڙهي ڪڏهن ڪهڙو اوڙهي مخاطب ٿيا آهن. **"روپ بهروپ"** چوڻي آهي "ست ڪوئا ڪائي ٻلي حج تي هلي". انهن ٻلن جا منهن خون سان رڱيا پيا آهن. پر وقت جي وچوٽيءَ سان خون خشڪ ٿيو وڃي جنهن خشڪ خون کي ڏسڻ لاءِ عقاب واري اک کپي. ڪي انتها پسند ته ڪي ترقي پسند، ڪي ابوجهه، ابلا جو ته ڪي ڪاليءَ جو ڪي خوددار ته ڪي ظالم ۽ مظلوم ۽ ڪي راوڻ ته ڪي اِنسان ۽ فرشتا.... سڀ اِنسان.... ها اِنسانن جو اِنسانن هٿان استحصال.... اِنسان ۽ استحصال وچ ۾ ڪشمڪش.

اِنسانن طرفان پيدا ڪيل دشوارين ۽ حالات جي چيڀٽ کي زندگي جي ادا ۽ انگڙائي ڀانئي نظرانداز ڪري هيٺ مٿاهين سان منهن ڏيڻ جي جريت ڪري پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڳاٽ اونچو رهيو آهي. پر.... پر.... نادر وقت زندگيءَ کي لتاڙي حال (Present) کي تڪليف ڏيندڙ ماضيءَ جو لباس پهرائي پنهنجي ڪاميابيءَ تي پيانڪ

ٿهڪ ڏنا آهن. ڏک سک ڪاميابي جاڪوڙ ۽ جستجو لباس بدلائيندي بدلائيندي ڇهري تي وقت جون ليڪون نڪري نروار ٿين ٿيون.

گوري توتي گهنج پيا،
يا روپ ڏنو رهنبوٽو ري،
هاءِ جواني جهوٽو ري.
(اياز)

سڄڻ مان هتي اِهو ضرور قبول ڪندس ته ادب جي ماڻ، ماڻن پئمانن ڪان اڻ ڄاڻ آهيان. جڏهن به شدت سان محسوس ڪيو اٿم ته وقت به وقت اِظهار ڪيو آهي ۽ وري جذبا ڪا شيءِ ته آهن ڪو نه جو سينگهاري سنواري پيش ڪجن يا مله ڪٿڻ لاءِ خريدارن اڳيان پيش ڪجن. پنهنجي جذبن جو قلم ذريعي اِظهار ڪيو آهي. قلم کي زنجيرن ۾ جڪڙڻ ڪان باز رکيو آهي، پر ڇڙواڳيءَ جي ڪڏهن اِجازت نه ڏني آهي. هڪ ته ريڊيو جي نوڪريءَ جون مصروفتيون ۽ ٻيو پڄان مٿان وري ٻئين عالمي لطيف ڪانفرنس، جو هن وقت شاهه سچل ساميءَ جي سجدي ۾ ڪنڌ جهڪيل.

" والي وسائيج درمنديءَ جو ديس،
پرين مون پرديس اُتي ايندم اوڏڙا.
(سچل)

وقت جو منهن موڙڻ، مٿان ڪتاب جي اشاعت اجمير ۽ دهليءَ جي اچ وڃ ۾ فاصلو طئہ ڪندي لفظن جي اڙنگي راهه جي وڪڙ ۾ وات وڃائڻ خبر نه آهي ان سان ڪيترو انصاف ڪيو اٿم، بس واڳ ڏٽيءَ جي وس آ.

مان انهن بي شمار سڄڻن جي شڪر گذار آهيان جن جي پيغامن ۽ دعائن سان اِظهار پختگيءَ جي راهه تي گامزن آ.... ۽ پنهنجي همٿ افضائيءَ سان، منهنجي قلم جي پورهئي جو قدر ڪيو آهي ۽

آئيندي بہ نيڪ خواهشات ۽ دعائن سان همٿ افضائي ڪري تعاون ڏيندا. مان مانور راجڪمار آريہ جي شڪرگذار آهيان جنهن جي تعاون سان ڪور Print ڪرايو آهي ۽ گڏوگڏ پرشوتم تلواڻيءَ ۽ وشني گربخشاڻيءَ جي بہ جن ڪي ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ تي خوشي ٿيندي آهي.

"منهنجا معصوم سچڻ" هي ڪا صرف منهنجي نہ پر سچڻ تنهنجي زندگي آ.... منهنجي زندگي آ.... اسان سيني جي زندگي سمايل آ....

اِنشاءَ الله! ڪهاڻين جي مجموعي **"اڌ ڪولين اکين"** سان پر ڪليءَ دل ۽ ذهن سان قلم ذريعي وري ملاقات ٿيندي. تيستائين اِجازت وٺي رهي آهيان.

سدائين گڏ

ويناشرنگي

ليکڪا جا لکيل ڪتاب

1. ڪيئن وساريان ويڙيهچن

قيمت : 15.00

2. منهنجي پيشي جا "گل وَ خار "

قيمت : 50.00

3. پڪا ۾ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا

قيمت : 55.00

4. منهنجا معصوم سچڻ (مونو لاگ)

قيمت : 35.00

۾ ايندڙ - اڏ ڪولين اَڪين

(**************)

منهنجا معصوم سڄڻ (ناول)

" ڪير؟ "
" مان! "
" تون؟ "
" ها، مان! "
" پر ٻہ تون ڪير؟ "
" مان ڪير؟ نہ ٿي سڃاڻين. تنهنجو دوست. "
" منهنجو دوست؟
" ها! "
" پر مون تہ ڪڏهن توکي ڏٺو ڪونہ آهي. "
" ڏٺو ڪونہ آ "
" نہ! توسان گفتگو ڪونہ ڪئي آهي. ڪڏهن ملاقات ڪانہ ٿي آهي. "
" منهنجي ملاقات، توسان زندگيءَ جي هر موڙ تي هر چوڙ تي ٿيندي رهي ٿي. نہ صرف اڄ پر.... "
" پر.... پر.... پر.... ٻہ تون آهين ڪير؟ "
" مان! "
" ها تون آهين ڪير؟ "
" ٻڌايانءِ. "
" اڙي بابا، ٻڌاءِ ڪري تہ تون ڪير آهين؟ "
" ٻڌايانءِ "
" اِئين ماٺ ڇو ٿي ويو آهين؟ سسپينس ڇو پيو پيدا ڪرين؟ پنهنجو نالو ڇو ڪين ٿو ٻڌائين؟ "
" مان! مان آهيان استحصال. "
" استحصال "

" ها تنهنجو دوست استحصال. "

" نہ نہ نہ.....نہ.....نہ..... استحصال يعنيٰ (Exploitation)، پرماريت " " شوشڻ. "

" اڙي واھ! مون تہ سوچيو ھو منهنجي نالي جو تون پورو تلفظ بہ صحيح اُچاري نہ سگھندينءَ. پر، آءُ مختلف زبانن ۾، جنهن ناءُ سان ڪوٺيو وڃان ٿو، اُنهن نالن جي بہ توکي ڄاڻ آهي. هاڻي تہ توکي مونکي سڃاڻڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿيڻ گهرجي، تہ مان تنهنجو دوست آهيان. ڪيئن نيڪ آهي نہ؟ "

" چا پيو بڪين! تنهنجو دماغي توازن تہ بگڙيل نہ آهي. منهنجو دوست ۽ تون؟ تنهنجي ناءَ کان ئي مونکي نفرت آهي ۽ وري دوستي تہ پري جي ڳالھ رهي. "

" اڙي! ڪمال ٿي ڪرين. نہ صرف تنهنجو دوست، عزيز ۽ جگري دوست پر پڳہ مٽ يار.......... "

" ڇي ڇي ڇي ......ڇي....ڇي........ چا پيو بڪين! مان چوان ٿي پنهنجي زبان کي لغام ڏي پنهنجي ناپاڪ زبان سان دوستيءَ جهڙي پاڪ رشتي کي بدنام نہ ڪر. "

" اڙي ها! مان تہ اِهو ٻڌائڻ ئي ڀلجي ويس تہ مان نہ صرف تنهنجو عزيز دوست آهيان پر.... پر...... مائٽ بہ آهيان. "

" واھ! جناب واھ! هاڻي دوستيءَ کان اڳتي وڌي مائٽيءَ جو ناءُ بخشي رت جو رشتو قائم ڪري رهيو آهين. تو جهڙن مڪارن ۽ دغابازن کي پنهنجو مائٽ تسليم ڪندي پاڪ زبان ناپاڪ ٿي ويندي. "

" مان! ۽ ناپاڪ؟ نہ ڀيلي نہ - اِئين نہ چئہ. مان پاڪ آهيان، پوتر آهيان...... "

" ڊونگي...... اول توکي پاڪ جي معنيٰ اچيئي ٿي. تون ڇا ڄاڻين پاڪ ۽ پوتر لفظ مان. "

" ها.....ها.....ها..... ها ها ها...... ها..... " (ٽهڪ)

" يا الله! منهنجي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي ويندا. مان چوان ٿي بند ڪر پنهنجا اِهي ڀيانڪ ٽهڪ. "

" منهنجا ٽهڪ توکي ڀيانڪ ٿا لڳن پر مونکي يقين آ تہ تون مون سان عشق، محبت ۽ پيار ڪيو آهي.

" ڇي!! عشق، محبت ۽ پيار تو جهڙيءَ شخصيت سان؟ اهڙين شخصيتن کي مان پنهنجي گهر اندر تہ ڇا پر دروازي ڪڙڪائڻ جي بہ اِجازت نہ ڏيان. "

" پر مان تہ تنهنجي گهر اندر تنهنجي سامهون بيٺو آهيان. مان تہ بنا دروازي ڪڙڪائڻ جي اندر پهچي ويو آهيان ۽ وري اِجازت وٺي اچڻ جي بہ ڪهڙي ضرورت آهي؟

" مان تہ ڪم ۾ مصروف هيس نہ تہ توکي گهر اندر داخل ٿيڻ نہ ڏيان هان. جن ناپاڪ هٿن سان دروازو کوليو اٿيئي اُهي هٿ پيچي ڇڏيانءِ هان. تنهنجي اهڙي دردشا ڪيان هان جو شينهن مرد بہ هيسجي ۽ هراسجي ڏندين آڱريون ڏين ها."

" اڙي....اڙي... تون تہ ناراض ٿي رهي آهين. غصي ڪرڻ سان صحت تي اثر پوندو آهي. مان هرگز اِهو نہ چاهيندس تہ تنهنجي صحت خراب ٿئي. ڀلا وهڻ لاءِ نہ چوندينءَ؟ خير! ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن سان غيرن کان بہ وڌيڪ بدسلوڪيءَ جو وهنوار ڪيو ويندو آهي - نيڪ آهي، مان پاڻ ئي ٿو ويهي رهان ۽ مان وري اهڙين رسمن ۾ اعتقاد بہ نہ رکندو آهيان، مونکي ناگوارا نہ لڳندو."

" ڏس، ڏس تون گستاخ ٿيندو ٿو وڃين، حد اُورانگي رهيو آهين. منهنجي صبر ۽ تحمل جو پيالو پر ٿي رهيو آهي. تون منهنجي سياءُ کان واقف نہ آهين. ۽ ها! اڻ ڄاڻ ماڻهن کي وري ڪيئن ڄاڻ

پوندي. تون منهنجي غصي ۽ مزاج کان ناواقف آهين. اِنهيءَ ڪري اهڙي حرڪت ڪري رهيو آهين. تون اِن گستاخيءَ جي انجام کان اڻ ڄاڻ آهين."

" مان! مان ۽ اڻ ڄاڻ !! مان تنهنجي غصي کان چڱيءَ طرح واقف آهيان." (ٺهڪ)

" اڙي....اڙي هيءَ ڇا پيو ڪرين. تنهنجو دماغي توازن ته بگڙي نه ويو آهي؟ "

" نه بلڪل نه. منهنجو دماغ صحيح سلامت آ! مان نه صرف تنهنجي غصي، پر پيار کان به واقف آهيان. تڏهن ته هتي تنهنجي سامهون وهڻ جي جريت ڪئي اَٿم. مونکي ڄاڻ آهي ته تون مون سان بي حد پيار ڪرين ٿي. "

" پنهنجي زبان کي لغام ڏي. پيار ۽ توسان؟..... ڏس ڏس..... منهنجي قريب اچڻ جي ڪوشش نه ڪر. تنهنجي ان گستاخيءَ جي اهڙي سزا ڏينديسانءِ جو تواريخ ۾ به اهڙو مثال ڪونه ملندو. "

" ۽ وينا تواريخ ۾ اهو به درج ٿيندو ته پنهنجي عزيز دوست کي دل ڏاريندڙ سزا ٻڌائي وئي. مونکي سزا ملڻ تي نه صرف منهنجو پر تنهنجو به يعنيٰ اسان ٻنهي جو نالو قلم بند ڪيو ويندو ته پنهنجي پيار کي .... "

" مان چوان ٿي پنهنجي زبان تي قابو رک. "

" ها ها.... ها ها ها ها.....ها ها ها............. ها "

" الله ! بند ڪر پنهنجا اِهي خوفناڪ ٽهڪ، اگر تون ريڊيو تي ناٽڪن لاءِ audition ڏيڻ لاءِ اچين ته مان توکي voice test ۾ فيل ڪري ڇڏيان. ڀيو ته پري رهيو، پر راوڻ جي ڀيانڪ ڪردار لاءِ گهربل خوفناڪ آواز لاءِ به توکي approve نه ڪريان. راوڻ جا ٽهڪ به توکان سريلا هوندا. "

" اڙي سگھڙ سنڌياڻي ! تون ته پاڻ کي سمجهو سمجهندين آهين ۽ ڪيترا توکي ذهين ۽ قابل سمجهندا آهن."

" ۽ تو ڇا سمجهيو آهي - بيوقوف "

" ها..... اڙي نه. پر خبر نه آهي ڇو اڄ تو سمجهڻ ۾ ايتري دير ڪئي آهي؟ ويهه آرام سان ويهه Relax, relax, take it easy ڪاوڙ غصو ڇڏ ڇئين ته فرج مان تولاءِ ڪولڊ ڊرنڪ ڪڍي اچان. Relax, please relax, Cool down. "

" مان relax ته تڏهن ٿينديس جڏهن توکي ڏڪا ڏيئي ڊرائنگ روم مان ڪڍنديس. منهنجي گهر ۾ داخل ٿي، مونکي ئي مهمان بڻائي رهيو آهين. توکي ميزبان بڻجڻ جو حق ڪنهن ڏنو؟ "

" اڙي ان ۾ حق ۽ جريت جي ڪهڙي ڳالهه آهي، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو خود ئي ميزبان جو شرف حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي، پوءِ پنهنجي گهر ۾ نه سهي ته دوستن جي گهر ۾ ئي سهي. ڀلا منهنجي ميزبان واري ان ڪردار کي قلم ذريعي نه بيان ڪندينءَ ؟ "

" ڇي! تو جهڙي ناپاڪ جنس کي قلم ذريعي بيان ڪري قيمتي ڪاغذن جو نقصان ۽ قلم کي ناپاڪ نه بڻائڻو اٿم. "

" واهه! .... واهه !! .... واهه !!! .... واهه !!! .... ماشا الله !!! " (تاڙيون)

" هاڻي پنهنجي تاڙين جي ٺهڪن کي بند ڪر. منهنجي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي پوندا ۽ اکين اڳيان ٽري وڃ.

" اڙي واهه! تون ته چوندين آهين ته جيڪو محسوس ڪندين آهيان اُن جو اِظهار ڪندي آهيان. تو ته سماج جي نظرن ۾ ڪريل عورت تي به قلم ذريعي اِظهار ڪيو آهي. "

" عورت کي ان درجي تائين پهچائڻ لاءِ جوابدار ۽ ذميوار حالات ۽ ماحول آهي. جنهن ۾ سماجڪ بندن، انڌا قاعدا قانون، ريتيون رسمون، مالي مجبوريون، مردن جي حوس يا عورت جو عورت خلاف

جذبو، حسد، ريس ۽ هوُس اچن ٿيون. ۽ مان اُن سچائي اِظهار ڪرڻ ۾ نہ هچڪچائيندي آهيان ۽ نہ ئي گهٻرائيندي آهيان. "

" پلا ! اج زندگيءَ جي ان سچائيءَ ۽ حقيقت کي ڇو نظرانداز ڪري رهي آهين؟ جڏهن تو ۾ ايتري جريت آهي تہ پوءِ مون کان ڇو ٿي گهٻرائين؟ تون سماج کان ڊڄي رهي آهين يا ماحول کان، يا تنهائي کان يا وري پنهنجو پاڻ کان خوف ٿيڻ لڳو اٿيئي؟ تون سچائيءَ کان منهن موڙي رهي آهين. مونکي نہ صرف اُميد آهي، پر يقين آهي. اعتقاد آهي ۽ پورو ڀروسو آهي تہ تون مون تي پورو ديوان لکي سگهين ٿي. "

" مونکي تو جهڙيءَ شخصيت تي ديوان لکڻ جي ضرورت نہ پوندي. تنهنجي ذات کي مان صرف ٽن لفظن ۾ بيان ڪري سگهان ٿي 'ناپاڪ' 'ذليل' ۽ 'بدصورت'. "

" واه! واه!! واه!!! واه!!!! ڇا تہ تشبيهون ڏنيون اٿيئي. ها..... ها.... ها ها .... ها .... ها .... تو تہ اج ڪمال ڪري ڇڏيو. وينا ذرا اِهو بہ ٻڌاءِ تہ ڇا ماءُ جي ممتا ۽ پيءُ جي شفقت ناپاڪ ٿيندي آهي؟ ڀينرن ۽ ڀائرن جو قرب ۽ پيار جو ناتو ذليل ٿيندو آهي؟ ڇا دوست احباب سماج بدصورت آهي؟

" نہ..... ..... بلڪل نہ .... پيءُ ماءُ جي پيار ۽ پوتر خون جي رشتي کي ناپاڪ ٻڌائڻ، ڀائرن ۽ ڀينرن جي محبت ۽ ڀائيچاري جي جذبن کي ذليل ڪوٺڻ، دوست ۽ عزيزن کي بدصورت بيان ڪندڙ اکين کان اَنڌا، گندي زبان وارا پنهنجي اکين کي نيڪ ڪر، پنهنجي زبان جي ذائقي جو صحيح سواد وٺڻ لاءِ ڪنهن حڪيم ۽ طبيب جو سهارو وٺ"

" مومل! مان ڪنهن بہ سهاري جو محتاج نہ آهيان. توهين ئي وقت بہ وقت منهنجو سهارو وٺندا آهيو. "

" مهرباني ڪري منهنجو نالو اُنهن ماڻهن جي فهرست ۾ نہ شامل ڪر. "

" محترم اُن فهرست ۾ تون بہ شامل آهين. وقت بہ وقت موقعو مهل ڏسي اِنسان منهنجو سهارو وٺي اڳتي وڌندو رهيو آهي، تون ڪو فرشتو نہ آهين. "

" ڏس ڏس ... ... ڏس ... پنهنجي زبان سنڀال. مون جهڙو ڪو .... "

" مون جهڙو ڪو نرم دل ۽ خوش مزاج اِنسان توکي ڪونہ ملندو؟ "

" مان مضبوط دل ۽ سخت مزاج واري آهيان نہ ڪي.."

" اُهو تہ مجيم مزاج گرم لڳندو آهي. پر پٿر دل پوئيان ڪنهن نرم ۽ نازڪ جذبن ڪي ڪونہ ڏٺو آهي. خود تون اُنهن ڪان اڻ ڄاڻ بڻجڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي آهين. پنهنجو پاڻ سان ناٽڪ. خير! مان اُن فهرست ۾ تنهنجي پوزيشن پنتي ڌڪي ٿو ڇڏيان. تون خوددار آهين....... پر جڏهن وقت ساٿ ڇڏي ڏيندءِ تہ تون زور شور سان اُن فهرست ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندينءَ - پر تنهنجو آواز، تنهنجي قوت ڪمزور بڻجي چڪا هوندا تڏهن پنهنجو پاڻ تي........ "

" تون پنهنجو پاڻ تي ضابطو رک........ جناب هوش سنڀال. ڇا پيو ڳالهائين؟ مان تہ سوين جنمن تائين بہ اُن ۾ شامل ٿيڻ جو نہ سوچيندي‌س. تون تہ هن پيڙهيءَ جي ٿو ڳالھ ڪرين. "

" اِها ڳالھ تہ برابر آهي. تون تہ ڇا هر اِنسان ان فهرست ۾ شمار ٿيڻ پنهنجي گهٽتائي ۽ توهين سمجهندو آهي. "

" مان نہ ٿي ڀانئيان تہ ڪوئي اِنسان توکي سڃاڻندي بہ اڻ ڄاڻ بڻجي توکي اپنائيندو. ڪي اِنسان آدرشن ۽ اُصولن جا پڪا هوندا آهن، ايمانداري ۽ سچائي اِنهن جي منزل مقصد رهي ٿي. ڀلا، اُهي ڇو اڻ ڄاڻ بڻجندا؟ "

" اُهي منهنجو سهارو نہ ونني پاڻ سان وشواس گهات کندا آهن.
"

" تو شايد وڏڙن جو اُهو پهاڪو ڪونہ ٻڌو آهي. "

" ڪهڙو؟ "

" انڌيءَ جي ٻار کي الڪہ جي رکہ. "

" اڙي وينا! ڪلجڳ جي زماني ۾ تون الڪ جي ڳالھ ڪري رهي آهين. وڏڙن جو دؤر ست جڳ جو دؤر هو. ڪلجڳ ۾ ٻندي کي الڪہ جي نہ پر ماڻهن جي ضرورت آهي."

" اجا اُهو منحوس دؤر ڪونہ آيو آهي. "

" خير ٻين جي ڳالهين کي پاسيرو رکون، جي توکي دنيا جهان جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪندس تہ تو وٽ وقت ڪونہ آهي، تون چوندينءَ مونکي ڊيوٽيءَ تي وڃڻو آهي، منهنجي رڪارڊنگ آهي، "خطن جا جواب" ڏيڻا آهن، "سڄڻ توکي خبر ڪهڙي" پيش ڪرڻو آهي. وغيره وغيره. "

" ڏسين نہ تو ڇا؟ اجا هيڏيون ساريون اَخبارون پڙهڻيون آهن، تنهنجي فالتو ڳالهين ٻڌڻ جو مون وٽ وقت ڪونہ آهي. "

" تون معصوم آهين. "

" مان ۽ معصوم! جناب ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي؟"

" واھ! نہ صرف معصوم، پر حسين ۽ شوخ بہ. جهڙي انداز سان نگاهون ڪٽي زلفن کي جهٽڪو ڏيئي گفتگو ڪري رهي آهين.
"

" مان .... چوان......... "

" مان توکي ڪيئن سمجهايان منهنجا معصوم سڄڻ. "

" سيئي مونکي معصوم نہ بلڪ تيز چوندا آهن. "

" خير! منهنجو سيني سان ڪهڙو لڳ لاڳاپو. "

" چو! تون تہ مختلف روپن ۾ هر ڪنهن جي قريب آهين، پوءِ لڳہ لاڳاپوڪيئن نہ آهي. هر وقت پيو نيتائن وانگر بيان بدلين. "

" وينا! تون تہ اتي مان پئي وار ڪيين. هن وقت منهنجو صرف توسان........ ها .... صرف توسان واسطو آهي. اِنهيءَ ڪري مان پنهنجو رايو ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان. دنيا ڪجھ بہ چوي پر مان توکي معصوم چوندس. چهرو ۽ دل .... "

" معصوم ۽ پاڪ خيال ٿيندا آهن، عورت جي سونهن، چهرو نہ بلڪ اِخلاق، عزت ۽ آبرو ٿيندي آهي. صورت نہ پر سيرت چئہ. "

" (ٽهڪ) ها .... ها .... ها .... ها ها ها .... متان اڄ جي دؤر ۾ اِها ڳالھ ٻئي ڪنهن اڳيان ڪرين، سيئي چريو چوندءِ. تون بابا آدم جي زماني جي تہ نہ آهين؟ "

" مان......... مان توکي بابا آدم جي زماني جي ٿي لڳان.... مان اهڙي محڪمي ۾ ڪم ڪندي آهيان جتي Boldness جي ضرورت پوي ٿي. Boldness ۽ اڌ ڌزن ڪن........ "

" نہ .... نہ..... اهڙي ڳالھ نہ آهي .... پر الائي چو ماڻهن کي اِئين لڳندو آهي تہ نوڪري ڪندڙ ڇوڪرين جا Boy Friends ضرور هوندا آهن. "

" ۽ وري معصوم سڄڻ تنهنجي دل کولي ٽهڪڻ ڏيڻ تي ماڻهن کي لڳندو هوندو .... "

" مان توکي ان ٽهڪن جو قصو ٻڌايان- هڪ ڀيري هڪ جناب سان اهڙي ئي موضوع تي گفتگو ٿي تہ دفتر ۾ ڪم ڪندڙ نوڪري پيشي واريون عورتون تيز تين ٿيون ۽ وري جيڪا کپڙو لتو چڱو ڪري ان عورت لاءِ ڪوڙن قصن ۾ الزامن جا تہ ڍير.......... " يعنيٰ..............

" اسين اُن ابلا تي رحم ڪائيندا آهيون

جا اڄ جي دؤر ۾ خودداريءَ جو پلاند پڪڙي آدرشن جي واٽ وٺندي آهي

اُن جي اڇي اُجري پلاند کي الزامن جا ڪلنڪ لڳائي ڪارو ڪندا آهيون. "

" هڪ طرف مون سان نفرت ڪري رهي آهين ۽ ٻئي طرف جيءَ سان جڪڙي رهي آهين. "

" ڇي........... "

" مون سان تنهنجي اِها نفرت ئي تنهنجو وڏو ڏوهه آهي. جنهن جي سزا.......... "

" ڏوهه ۽ سزا !!؟ "

" تنهنجو سڀ کان وڏو ڏوهه اِهو آهي جو تون پنهنجي شخصيت، پنهنجي Plus points کان ناواقف آهين. "

" ڪمال ٿو ڪرين!؟ مان ۽ پنهنجي شخصيت ۽ پنهنجين Plus & Minus Points کان بخوبي واقف نہ هجان. "

" اگر تون بخوبي واقف هجين ها تہ اُنهن جو جوڳو استعمال ڪرين ها. "

" خبر نہ آهي تون ڪهڙين Plus ۽ Minus Points جي ڳالهہ ڪري رهيو آهين. "

" تنهنجي صورت. "

" منهنجي صورت !!؟ "

" ها تنهنجي صورت، هار سينگار، ڪپڙو لٽو، چهري تي خوشيءَ جا تاثرات ۽ ٻاهرين شخصيت جو من سان تضاد غلط فهمين جو شڪار بڻائين ٿا. "

" تنهنجو مطلب آهي تہ پنهنجي پسند نا پسند کي ترڪ ڪري ڇڏيان. اگر اِهو تضاد آهي تہ ڪن اُصولن جو آهي. "

" سمجهو ٿو ...... "

" ڇا؟ اصولن سان "
" ها "
" نہ نہ .... "
" نہ نہ تہ پوءِ زندگيءَ جو قيمتي سرمائيو وقت ڪان اڳ شعلن جي حوالي ڪري ڇڏ. "
" تنهنجو مطلب آهي جڏهن ڇهري تہ وقت ليڪون ڪڍي، دڪہ درد پيانڪ وار ڪن، يا پنهنجي ڇاپ ڇڏين. "
" ها. "
" تڏهن ئي رحم ڪائي هٿ وڏائيندا. "
" بلڪل، ديا ڪائي. "
" نہ اُهو وقت نہ ايندو. "
" تہ پوءِ ڪلجڳ جي دؤر ۾ فرشتن جو اِنتظار ڪر، جيڪي توکي ڪونہ ملندا. توکي ان 'تضاد' سان ناٽڪ ڪرڻو ئي پوندو. "
" هيءَ دنيا حقيقت کي تسليم نٿي ڪري. گيتا ۾ چيل آهي تہ پاڻ ئي خرچ ضرور ڪرڻ گهرجي. خبر اٿئي تہ ڪنجوس، لوڀي ۽ وشواس گهات ڪندڙ ڪهڙي جوڻ وٺندا؟"
" ها ها .... ها ها .... "
" اهي صرف دل کي آٿت آهن. ڪنهن کي خبر ڪير ڪهڙي جوڻ وٺندو - اهي نادانيون ڇڏ ... ۽ ... "
" نہ نہ اهڙو سون ئي گهوريم جيڪو ڪن ڇني. "
" ٻہ واٽون آهن. "
" وجودي زن سي هئہ تصويريہ ڪائنات ۾ رنگت "
" عورت جو رنگہ روپ. "
" دشمن آهي. "
" اگر ان کي دشمن قرار ڏين ٿي تہ ٻي وات ٻڌي وٺ."
" ڇهري تي ڏک مايوسيءَ جو اِظهار ڪري همدردي ۽ فائدو. "

" اِهو فريب آهي "

" فريب نہ ...... 'حرفت' 'فن' 'Diplomacy' "

" تنهنجو مطلب آهي عورتن لاءِ وچين واٽ وٺڻ گناهہ آهي. "

" ان وچينءَ واٽ ۾ تڪليفون آهن، هيٺ مٿاهيون آهن.......... ۽ آهن ڏک، سُور ۽ مصيبتون. "

" نہ بلڪل نہ...... وچين واٽ ئي زندگيءَ ۾ توازن برقرار رکي ٿي. "

" ناهہ نوهہ ۽ اها صورت بہ عورت جي دشمن آهي. "

" دشمن نہ پر سجڻ چئہ ۽ تون پنهنجي سڄڻن کي ڏکارين ٿي. "

" اِها صورت وقت جي سانچي ۾ ايترو جلد ڍلجي وجي ٿي، جو پوءِ صورت تي ناز ڪندڙ نازنينون پنهنجي ئي خواهشن ۽ خوشين جا لاش جهڪيل ڪلهن تي ڍوئيندي لڙڪ لاڙين ٿيون. آئيني ۾ وقت جو ليڪون چهري تي ڏسي خوفزده ٿين ٿيون. "

" پر تون اُن منزل تي پير پائڻ کان اڳ ئي اُنهن جي ياونائن کي ڪيئن ڄاتو؟ "

" جو مان خود عورت آهيان - اگر تنهائيءَ ۾ پاڻ ۽ پنهنجو 'وجود' خود ئي آئينده جو درپڻ ڏيکاريندو. "

" اڙي ها ! اِهو تہ ٻڌاءِ جنهن جناب سان تنهنجي اُن موضوع تي گفتگو ٿي اُن سان ٻي ڪهڙي ڳالهہ ٻولهہ ٿي؟ "

" مون اُن جناب کي چيو - ماڻهن جا اهڙا ويچار ڏسي مون کي لڳي ٿو تہ مون لاءِ بہ اهڙا گمان ٿيندا هوندا تہ بہ ٿي Boy Friends تہ ضرور هوندا. اُن تي خبر اٿيئي اُن جناب وراڻيو - تنهنجا ٺهڪ تنهنجي شڪل ڏسي هڪ ٻن جو نہ بلڪ درجن کن جو گمان ٿئي ٿو. جنهن تي پوري محفل کلي ڏنو.

اِها تہ غلط ڳالھ چئبي. اِئين تہ ڪيترا ماڻھو ملندا. ۽ آفيس ۾ گڏ ڪم ڪن ٿا، ان جو مطلب اِهو ٿوريئي آهي تہ اُنهن سان دوستي ٿي وئي ۽ وري نوڪري بہ اهڙي جو سون ماڻهن سان واسطو پوي. برا ڀلا، حرفت باز، نيڪ، رحمدل، شريف ۽ وغيره وغيره. "

" تو صحيح فرمايو سپيئي مون جهڙا دوست ٿوريئي هوندا. "

" چو! تون پاڻ ڪي وري نيڪ ٿو ڀائين ڇا؟ تون وري ڪهڙو چڱو مڙس آهين "استحصال" اِهو ئي تنهنجو نالو آهي نہ؟ تو جهڙن حرفت بازن ڪي چڱيءَ طرح سڃاڻان. مون اهڙي ڪوھ جو پاڻي پيتو آهي جنهن جو تون ترو بہ نہ لهي سگهين.

" ڪهڙي ڪوھ جو؟ پنهنجي ڳوٺ شهداد ڪوٽ واري ڪوھ جو ڇا؟ "

" ها! اِئين ئي ڪري سمجھ شهداد ڪوٽ واري ڪوھ جو پاڻي پيتو اٿم ۽ لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال جي پاڻيءَ جي امڙ ستي پياري آهي. "

" چو لاڙڪاڻي جي وري ڪيئن ؟ "

" اِهو هيئن جو ٿي پائر شهداد ڪوٽ ۾ ڄاوا، بہ پائر ۽ هڪ ڀيڻ ڪراچيءَ ۾، هڪ ڀيڻ بمبئيءَ ۾ ڄائي ۽ مان لاڙڪاڻي ۾ ڄاوس. "

" توکي ڏسي لاڙڪاڻي جو پهاڪو ياد اچي ويو 'هجيئي ناڻو تہ گهم لاڙڪاڻو'. لاڙڪاڻي جا ماڻھو ڪپڙي لٽي جا شوقين ٿين. اِنهيءَ ڪري تو بہ اُتان جي اَدِ ڇکي آهي ۽ ها اِهي دليل لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال جي پاڻيءَ جو ئي نتيجو آهن؟ "

" ڇا بہ ڪري سمجھ، ڪنهن جي گهران ٿوريئي ٿي ڪان، جو ڏڄان؟ اسين ڪنهن جي ڪڙي تي ٿوريئي وينا آهيون جو مڻ مڻ ڪريون. "

" وينا تنهنجا اِهي بي لاڳ دليل تنهنجا دشمن آهن. مون ڪئي پيرا محسوس ڪيو آهي، معصوميت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ توکي منهنجو سهارو وٺندي ڏٺو آهي. "

" ڇا؟ مان ۽ تنهنجو سهارو !! "

" خير - وقت ايندو تہ تون ڄاڻندي بہ اڻ ڄاڻ بڻجندينءَ ۽ منهنجي سهاري لاءِ تڙڦندينءَ ۽ اُن وقت مان بہ توکي ستائيندس، جيئن توکي منهنجيءَ ضرورت جو احساس ٿئي."

" ضرورت ۽ تنهنجي؟ وچ ڙي وچ 'آپ نہ پلي ڏوجا متيان ڏيوي : . "

" مان توکي سمجهايان. "

" تون ڇا مونکي سمجهائيندين؟ جنهن جو 'پنهنجو گهرگهاٽ، نورنڪاٽو' ۽ بنياد نہ هوندو آهي ٻين جي گهرن ۾ ڪاٽ هڻندا آهن. ٻڙ - ٻڙ ڇيٽا جنگ مچاءِ. "

" جيستائين مونکي ڳالهائڻ جو موقعو نہ ڏيندينءَ تيستائين مان پنهنجي باري ۾ توکي ڪيئن ٻڌائي سگهندس. ڪڏهن مان تنهنجي پيءُ ۾ واسو ڪري تنهنجي عزت آبرو جو فڪر ۽ تنهنجي سرپرستيءَ لاءِ وڏڙن جي رواعيت ۽ خاندان جي ناءُ تي اولاد جي خوشين جو گلو گهوٽي پنهنجن اُصولن کي برقرار رکيو آهي ۽ ڪڏهن ماءُ بڻجي عورت جي قرباني جو جذبو عظيم تصور ڪري پنهنجن آدرشن کي عملي جامو پهرائيو آهي. ڪڏهن ڀاءُ بڻجي سارسنڀال ۽ جوابداري نڀائڻ جي دنياداريءَ جو نقاب چاڙهي داد حاصل ڪيو آهي. ڪڏهن هڏ ڏوکي ڀيڻ جو روپ ڌاري مقصد پاتو آهي. باقي ڀاڄائي ۽ ڀيڻويئن جو مان ناءُ ئي نہ وٺندس جو اُنهن رشتن جي باري ۾ دنيا گهڻو ڪجهہ ڏٺو آهي، ٻڌو آهي ۽ جڏهن ڪڏهن بہ اِنهن رشتن لٽيو آهي تہ ڌارئي خون تي معيارون کهڙيون ڇڻي ڳالهہ اُتي ئي 'لڻ مٽي' ڪئي وئي آهي. مون ڪڏهن تنهنجو سڄڻ بڻجي واه واه! ڪري

۽ نام نهاد نيڪ صلاح ڏيئي پنهنجو بيڙو پار ڪيو آهي. ڪڏهن آفيسر ۽ ساٿي بڻجي وقت جي پابند ۽ ڪم تي داد ڏيئي پنهنجا پراوا ڪم ڪرائيا اٿم. تنهنجو پيءُ.......... "

" ڏس، ڏس، خبردار جو منهنجي پيءُ جي نالي هڪ به اکر وات مان ڪڍيو اٿيئي. پپا جن پنهنجي پوري زندگي سماج سيوا، ايمانداريءَ ۽ اصولن جي نظر ڪري ڇڏي. منهنجو پيءُ مونکي ڏاڍو پيارو لڳندو آهي. پپا جن چوندا آهن ڏيئڙ اکيون ٺينديون آهن. اگر اکه ۾ هڪ به ڪک اُڏامي پوي يا واريءَ جو ڪڻو به پوي ته اکه کي تمام گهڻي تڪليف رسائيندو. مون ۾ وڏيون اُميدون ۽ آشائون رهيون اٿن. مون لاءِ فڪرمند رهندا آهن. اسان جي خاندان جو تعلق زمينداري طبقي ۽ پڙدي واري ماحول سان آهي. ڏاڍي چنتا اٿن. هميشه چوندا آهن، اگر تنهنجي شادي گهٽ ذات واري شخص سان ٿي ته مونکي ڏاڍي تڪليف ٿيندي. اسين برهمڻ آهيون - واڻين جي گهر پنهنجي ڌيءَ ڏيڻ گهٽتائي ٿيندي - آخرڪار واڻئي اڳيان جهڪڻو پوندو. "

" اُهو وري ڪيئن ؟ "

" ڇو جو اسان ۾ شاديءَ وقت ڪنوار پيءُ نياڻي کي پيري پوندو آهي. منهنجو پيءُ ته برهمڻ آهي نه! پوءِ واڻئي کي ڪيئن پيري پوندو؟ ۽ ها هوُ نيڪ به ته چون ٿا اسين اوچ ذات وارا آهيون. "

" اڙي مونکي ته اِها ڄاڻ ڪانه آهي ته اوهين ايڏي اونچي ذات وارا آهيو. "

" جي خبر ڪانه هيئه ته هاڻي ته خبر پيئه نه ۽ ها برهمڻ ۾ به درجا ٿيندا آهن. "

" درجا ! "

" ها درجا، هن وقت مونکي اُن لاءِ صحي لفظ تلاش ڪرڻ جي فرصت ڪانه آهي. درجا يعنيٰ Class System تو نه ٻڌو آهي؟ برهمڻ ۾ به ٻاري ٻاونجهائي، گوسائين وغيره وغيره. اِهي گهٽ درجي وارا

برهمڻ ٿين. ڪي تہ گوشت، مڇي، شراب وغيره واپرائين. اسان جو تعلق اونچي درجي واري طبقي سان آهي. "

" يعنيٰ High Class Brahmin family ان جو مطلب تہ تون اِنسان اِنسان جي وچ ۾ فرق پائين ٿي. "

" نہ نہ، بلڪل نہ. اِنسان تہ خدا جي خلقيل اولاد آهي. اسين سڀ برابر آهيون. مالڪ ساهہ تہ سيني کي هڪ جهڙو ڏنو آهي. پوءِ ڀلا اِنسان اِنسان وچ ۾ فرق ڇو؟ اِها ڳالهہ صحيح آهي تہ بندو الڳ الڳ جاتين ۾ پيدا ٿئي ٿو پر منزل تہ هڪ آهي نہ؟ مان تہ بہ اَڪيائي ۾ بلڪل يقين ڪونہ رکندي آهيان. "

" تہ پوءِ شادي...........؟ "

" اَڙي .... شاديءَ وارو معاملو تمام نازڪ ٿيندو آهي. منهنجو پيءُ نيڪ ئي تہ چوي ٿو برهمڻن جي رهڻي ڪهڻي الڳ ٿيندي آهي. "

" تہ ڇا تنهنجي پيءُ ٻين ٻارن جون شاديون ٻيءَ ذات وارن ۾ نہ ڪرڻ جو پڪو اِرادو ڪيو آهي. "

" ها.... جي .... جي جي....... جي اصل حالات...... "

" اڙي توهان تمام سنو ٿا ڪريو. برابريءَ وارن ۽ اعليٰ ذات وارن ۾ ئي شادي ڪرڻ گهرجي. ان معاملي ۾ اوهان جو خاندان اِهو مثال ضرور قائم ڪندو. وري تيڪهين صديءَ ۾ پراچين روائتين کي برقرار رکڻ ڪو سولو ڪم ٿوريئي آهي. "

" نہ نہ.........نہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي اِئين تہ منهنجي پائرن واٽين جي خاندان ۽ فارينر يعنيٰ عيسائين جي خاندان مان شاديون ڪيون آهن. پر پٽن ۽ ڌيئرن ۾ تہ وڏو فرق آهي. "

" اڇا! اڇا!! صرف پٽن جون ئي شاديون ڌارين جاتين ۾ ڪيون اٿائون. پائي اُهي ٿيا مرد ۽ وري اسان جي سماج ۾ مردن کي ڪهڙو

مهٽو. مون توکي چيو نہ هو تہ تون معصوم آهين. تون ٻڌائڻ ڀُلي وئي هوندينءَ. "

" در اصل...... مان ...... مان ...... مان ...... "

" گهٻرائڻ جي کهڙي ڳالھ آهي وينا تون حجاب نہ ڪر. ڏيئُرن جون شاديون پنهنجي ذات وارن ۾ ڪيون اٿو، تمام سٺو ڪيو اٿو - مبارڪون هجنوَ. "

" ها ..... ها ..... ها..... نہ نہ..... نہ........ در اصل هڪ برهمڻ آهي ۽ ٻيو ...... "

" ۽ ٻيو ...... ٻيو سنڌي آهي. "

" نہ نہ .... ائين نہ آهي، ڀھريون بہ سنڌي نہ آهي. "

" چو؟ پنهنجي ٻوليءَ سان پيار نہ اٿوَ ڇا؟ خير جيڪي ڪيوَ، سٺو ڪيوَ. برهمڻ تہ آهي نہ؟ جي ٻيءَ ذات وارو ٿيو تہ ڇا ٿيو؟ اونچي جاتيءَ سان تہ واسطو اٿس ۽ ٻيو....... "

" ٻيو ...... ٻيو تہ برهمڻ بہ نہ آهي. "

" الله واٽيو ...... توهين برهمڻ، تہ پوءِ تنهنجي پيءُ جي اکہ ۾ تہ ضرور ڪک چڀيو هوندو. "

" ڪافي سالن کان پريشاني ۽ اُلجهن رهي ۽ گهر جي ياتين جي زور بار ۽ حالت ۾ جڪڙجي ويا ۽ وڏي ڳالھ تہ اڄ ڪلھ شاديءَ جو مسئلو ايترو تہ مشڪل ٿي پيو آهي جو....... جو مائٽ پريشان ٿي ٿا وڃن. مان تہ چونديس فيصلو ڪري سنو ئي ڪيائون. "

" يعنيٰ ڌيءُ ڪڙي ڪيائون. "

" نہ... نہ..... نہ..... ڌيءُ کي ڪڙو نہ پر پيار ڪري آباد ڪيائون. "

" ۽ ٻي.... اُهو بہ ضرور اوهان وانگر زميندار هوندو. تنهنجي پائرن وانگر عاليشان عمارت ۾ آباد يعنيٰ مالدار جي گهر وئي هوندي. "

" نہ مالدار تہ نہ، پر غريب بہ نہ آهن، مڇي مانيءَ وارا آهن. گهر جو گاڏو تمام سنو پيو هلين. "

" يعنيٰ ٻئي ڌيئر ڪڙيون ڪيائون ۽ توکي؟ "

" مان! اڄ ڪلهه اهڙو دؤر آهي جو ملي جهلي ڪم ڪجي. نہ صرف گهر ۾، ملڪ ۽ قوم جي واڌاري ۾ بہ پنهنجي ڪردار ذريعي تعاون ڪجي. ڀارت بہ يُورپ وانگر ٿي ويو آهي. مرد چاهي عورتون سيئي ڪم ڪن ٿا. منهنجي پيءُ کي ڌيئرن جو نوڪري ڪرڻ اصل نہ وڻندو آهي. مون ۾ ڏاڍو موهہ اٿن. عزت آبرو جو خيال، غير مردن سان ڳالهائڻ هنن کي پسند نہ آهي. "

" ٻين ڌيئرن لاءِ ڀلا ڇو نہ ٿا اِئين سوچين، اُنهن کي ڪوَڙو ڪيائون ۽ توکي وڏيڪ ڀائيائون. "

" نہ نہ اِئين نہ آهي، آخرڪار اولاد تہ برابر هوندو آهي."

" يعنيٰ، مونکي پيار جي روپ ۾ اپنايائون؟ "

" ڇي تون ۽ پيار! تون ڇا ڄاڻين پيار جي قيمت. "

" خير! پيار نہ تہ ممتا. "

" ممتا !! اول ممتا لفظ جي معنيٰ خبر اٿيئي؟ "

" تون ڇا ڄاڻين ممتا جي ساگر کي. منهنجي امڙ جي جتيءَ ۾ ڪير بہ پير نہ پائي سگهندو. "

" ممتا اِنسان کي ڪمزور ٻڻائي ڇڏيندي آهي. نہ صرف تون پر پٽر دل بہ پگهرجي سچائيءَ کي تسليم ڪرڻ کان ڪنارو ڪندو آهي. خير تنهنجي همٿ کي پست ڪرڻ جو اِرادو نہ آهي. مان تنهنجي امڙ جي نالي ڪجهہ نہ چوندس. هونءَ بہ عورت ۾ قرباني جو جذبو اٿاهہ ٿيندو آهي. بهتر سماج تخليق ۾ عورت جو نمائيان ڪردار آهي. سماج شيوا جو مطلب ئي قرباني آهي. "

" ۽ ها مان توکي ٻڌايان منهنجو اُن طرف لاڙو ۽ اِهو جذبو مائٽن وٽان ئي مليو آهي. "

" ۽ قربانيءَ جو اَمرُ وٿان اِئين نہ ؟ "

" عورت تہ ٿيندي ئي درياھ دل آهي، پنهنجي سيني ۾ ڪئي سور سمائي ڇڏي، پيار جو ساگر ديا جي ديوي ڪروٽا جي مجسم ۽..... ۽...... "

" ۽ وقت اچڻ تي ڪڏهن 'ڪالي' تہ ڪڏهن 'جهانسي جي راڻي' ڪڏهن 'نوري نماڻي' تہ ڪڏهن حب_ الوطني، سادگي ۽ وفا جي مورت 'مارئي'. بلڪل، عورت اِنهن سيني روپن جو سنگم آهي. اِنهيءَ ڪري خبردار جو منهنجي اَمرُ جو نالو ورتو اٿيئي. "

" ڀلا تنهنجي ڀائرن جو نالو ڳنهڻ تہ منع نہ آهي. "

" سڀئي سکيا ۽ ستابا آهن. پنهنجن ٻارن ٻچن سميت خوش آهن، خوشحال آهن، هنن کي ڏٽيءَ اٿو، لٿو، اجهو سڀ ڪجھ ڏنو آهي. "

" ۽ تون ؟ "

" ۽ مان ! مونکي وري ڪهڙي پريشاني آهي. مان، مان بي انتها خوش آهيان، خوش نصيب آهيان، اِهو نہ صرف منهنجو پر سوين سڄڻن جو چوڻ آهي. "

" مون بہ توکي ان ڪري چيو تون معصوم آهين، خوبصورت آهين. "

" محنت خوبصورتيءَ جو ٻيو نالو آهي، محنت ڪش اِنسان جي ڪاميابي ۽ پورهيو خوبصورتيءَ جو روپ ڌاري چهري تي عيان ٿيندو آهي. هرو ڀرو چهرو ۽ رنگ روپ ئي سونهن نہ آهي. مون محنت، لگن ۽ سچائيءَ سان پنهنجي مقصد کي هميشہ حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪئي آهي. اِهو هرڪو تسليم ڪندو. "

" ڏنئہ ڏنئہ.........نہ اُنهن جي تسلميت تنهنجي طرفان بي اونو ٿي 'تسڪين' جو روپ اِختيار ڪيو، يعنيٰ توکي پاڻ ئي جستجو ذريعي مقصد ۽ منزل تائين پهچڻ جي خطاب سان نوازي ۽ پنهنجو

وقت بچائي ڪٽنب جي ترقي، خوشي ۽ خوشحاليءَ ۾ مست، مگن ۽ لين آهن. "

" نہ نہ، اهڙي ڳالھ ڪانہ آهي. مون تي وقت اچڻ تي ڏال بڻجي ويندا. "

" هيل تائين گهڻا ڀيرا ڏال بڻيا آهن. "

" مونکي ڪڏهن اُن جي ضرورت ئي نہ پئي آهي. مان، مان، پاڻ ئي بردباريءَ سان صورتحال جو مقابلو ڪري وننديون آهيان. "

" اِهو تہ ڏسڻ ۾ اچي پيو. جنهن انداز سان ڳاٺ اوچو ڪري پنهنجي باري ۾ اِظهار ڪري رهي آهين، ان مان ئي ظاهر آهي. "

" خبر اٿيئي منهنجا ٻہ ڀائر ولائت ۾ آهن، اُنهن جو سٺو ڪاروبار آهي. پنهنجا بنگلا اٿن، مڇيءَ مانيءَ وارا آهن، مونکي چوندا آهن، تون وات مان اُکر تہ ڪڍ، اسين اچي حاضر ٿينداسين. "

" ۽ حاضر ٿيا هوندا؟ "

" نہ نہ ! مون ڪڏهن هنن کي چيو ئي نہ آهي. "

" چو؟ توکي چوڻ گهرجي. وقت تہ هر ڪنهن تي ايندو آهي. اِئين نہ آهي تہ تون ڪا عام اِنسان کان الڳ ٿلڳ يا نرالي آهين. "

" تون صحيح ٿو فرمائين. ڀلا لکڻ مان ڪهڙو فائدو؟ وڏي ڳالھ تہ پهچڻ ۾ ايترو وقت لڳندو جو اُهو وقت ئي نڪري ويندو. "

" يعنيٰ توتي وقت اچڻ واري گهڙيءَ تي، هنن جي غير موجودگي رهندي. "

" نہ نہ هرو ڀرو اهڙي ڳالھ نہ آهي. زندگيءَ ۾ ٻيا بہ ڪيترا موقعا ايندا آهن، جن تي پنهنجن جي موجودگي سهڻي لڳندي آهي. منهنجو ولائت وارو وڏو ڀاءُ هميشہ لکندو رهيو آهي تہ هاڻي اسان جي گهر ۾ تون ئي آهين، ڏسجانءِ تنهنجي گهر آباد ٿيڻ واري وقت اسين سڀ ملي ڪري اهڙو تہ ڌوم ڌام سان جشن ملهائينداسين جو مٽ مائٽ ريس ۽ هوُس ڪندا. "

" يعنيٰ پنهنجون پوريون خوشيون تو مٿان نڇاور ڪندا. اڄ ڏينهن تائين توکي اِنهن مالامال ڪري ڇڏيو هوندو. "

" مون تہ هنن ڪان ڪڏهن ڪجھ گھريو ئي نہ آهي. مونکي هميشہ لڪندا آهن تون وات مان اکر تہ ڪڍ - پر مون اڄ ڏينهن تائين هنن ڪان ڪجھ گھريو ئي نہ آهي. خبر نہ آهي ڇو مونکي پنهنجي لاءِ ڪجھ گهرڻ 'بہ منهين تلوار' لڳندي آهي. "

" اِهو تون صحيح ٿي چئين. ڪنهن ڪان ڪجھ گهرڻ 'بہ منهين تلوار' آهي. 'ڀلي بڪ ڀرم جي شل نہ وڃي شان' پر پنهنجن تي تہ حق ۽ فرض هوندو آهي ۽ وڏي ڳالھ تہ ضرورت هر ڪنهن کي پوندي آهي. اِئين چئہ تہ پنهنجين خواهشن جو اُنهن اڳيان اِظهار ئي ڪونہ ڪيو آهي. "

" تو شايد اُهو پهاڪو ڪونہ ٻڌو آهي. "

" ڪهڙو ؟ "

" ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. "

" پر اڄ ڪلھ جي دؤر ۾ ولائتي مال جو ايڏو تہ جنون آهي، جو اُن ڪريز ڪان ڀلا ڪير آجو آهي. "

" برابر اِئين تہ ٿورو گھڻو ڪريز رهي ٿو ۽ مان بہ ڪا اُن ڪان آجي نہ آهيان ۽ وري هو اچن تہ پاڻ سان ڪانہ ڪا سُوکڙي پاکڙي کنيو اچن. وڏي ڳالھ تہ مان پنهنجي پسند واريون شيون پنهنجي ولائت واري دؤري دؤران ڪٺي آئي آهيان. وري ايڏو سامان ڪيڏانهن کبو. اِئين تہ هر ڀيري اچڻ ڪان اڳ فون تي پڇن تہ توکي ڇا کپي. منهنجو ولائت وارو وڏو ڀاءُ چوندو آهي 'پئسو کٻي هٿ جي ميل آهي. تنهنجو هڪڙو لڙڪ لکن جي مٺ آهي، اصل نہ لاڙ مان تنهنجي اک ۾ ڳوڙهو ڏسي نہ سگهندس. "

" لڙڪ هڪڙو تنهنجي اک ۾،
مون جي اِئين اٽڪيل ڏٺو،

روئي ڏنم اُن حال تي. "

" ڇا اِهو تنهنجي پياءُ جو تو لاءِ اِظهار هو. "

" نہ نہ اِهي لفظ تہ هن وقت اِئين ئي لبن تي اچي ويا. منهنجو پياءُ ضرور اِئين ئي محسوس ڪندو هوندو نہ؟ "

" مطلب تہ جذبا هن جا اِئين ئي هوندا. "

" ها، خبر اٿيئي مون ڪٿي پڙهيو هو تہ ڳوڙهن ڳڙڻ سان اکيون خوبصورت بڻجي وينديون آهن. اُن لاءِ ڪڏهن اکين مان لڙڪن جون لڙيون لڙڻ گهرجن. "

" تڏهن تنهنجون اکيون ايڏيون سهڻيون پيون لڳن. ايڏا لڙڪ لاڙيا اٿيئي ڇا؟ "

" هل ڪوڙا، منهنجون اکيون ڪي سهڻيون آهن؟ اجا نڪ سهڻو آهي. "

" جي تنهنجون اکيون سهڻيون نہ آهن تہ پوءِ تو ڪڏهن لڙڪ ئي نہ لاڙيا هوندا ۽ وري مردن لاءِ پئسو ڪٻي هٿ جي ميل واري تنهنجا ڳوڙها ڏسي اُن هٿن جي ميل ذريعي ڳوڙها اکين مان لڙڻ تہ ڇا پر اُنهن ڪي ترڻ بہ نہ ڏنو هوندو. "

" ائين پلا ڪيئن ٿيندو. ڏک ۽ سک، مسڪراهٽ ۽ لڙڪ زندگيءَ جو حصو آهن. صرف هر فرد جو الڳ الڳ پئمانو هوندو آهي. ڪن جو گهڻو تہ ڪن جو ٿورو، ڪن جو من اندر تہ ڪن جو وري من کان ٻاهر اکين مان موتيءَ جي لڙي لڙي ڳلن تي ماڪ جي ڦڙن جيان ٽمڻ لڳي. "

" ڪر تہ خبر تنهنجا موتي من اندر، يا من کان ٻاهر. "

" تو ڇا محسوس ڪيو؟ تون ئي ڪري ٻڌاءِ، منهنجي ڇهري تي ڇا ڏٺئہ؟ "

" اِهو ئي -

" لڙڪ هڪڙو تنهنجي اک ۾،

مون جي اِئين اٽڪيل ڏٺو،
روئي ڏنم اُن حال تي. "

جڏھين ڳوڙھا ڳڙندا ھوندا تہ ھو غير حاضر ھوندا ۽ جيستائين پھچندا تيستائين لڙڪن جون لڙيون خشڪ ٿي وينديون. "

" اڙي جناب تون تہ بلڪل ديوانو آھين، ديوانو. منھنجي ڳالھ سمجھين چو نہ ٿو؟ لڙڪ ۽ مرڪ ھر اِنسان جي زندگي ساڻ جڙيل آھن. زندگي بہ سچ جي ٻن ٻاچن جيان آھي. ان ڪان ڪير ٿو پلاند ڇڏائي سگھي ۽ وري لڙڪن جو ڪو وقت ٿوريئي مقرر ٿيندو آھي. خبر نہ آھي ڪھڙي وقت بن بادل برسات وانگر برسي پون. تہ ڇا ھر گھڙي ۽ ھر وقت منھنجي اکين ڏيئي نھاريندا رھن، روزمره جي ڪم ڪار کي تلانجلي ڏيئي اکين ۾ اکيون وجھي وينا رھن. ۽ وڏي ڳالھ تہ مان گھر ۾ وھان ڪٿي ٿي. "

" پوءِ تہ تون بہ پنھنجن جي دک سک کان ناواقف ھوندينءَ. "

" ائين پلا ڪيئن ٿو ٿي سگھي. ڪوئي گھر جي ڀاتين جي جذبن کان اڻ واقف رھي سگھي ٿو؟ ڪي اڻ ڄاڻ ھوندي ۽ ڪي ڄاڻندي بہ اڻ ڄاڻ بڻجندا آھن. "

" تون ڪھڙي ڪٽنگريءَ ۾ آھين "

" الله! تون تہ **"مجذو"** آھين. "

" يعنيٰ توکي اُنھن جي دک سک جو احساس آھي. تون اُنھن جي جذبن کان واقف آھين. "

" ٻيو نہ وري ڇا؟ ھڪ واريءَ منھنجي وڏي ڀيڻ جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا. مون ھن جي ڳلن تان ڳوڙھا اُگھندي چيو ھو "مان تيستائين سک جو ساھ نہ کڻندس جيستائين تنھنجي اِھا خواھش پوري نہ ڪندس." منھنجي نند ڦٽي پئي ۽ مون تڏھن وجي سک جو ساھ کنيو جڏھن سندس لبن تي مسڪراھٽ ڏٺم. ڇھري ٿي سڪون ڏٺم. ساڳيءَ طرح ٻيءَ ڀيڻ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينھن رات

هڪ ڪري ڇڏيم. جنهن ڳالھ تي فخر ۽ ناز اٿم جو اهو مقصد پلئہ پيو. جستجو ڪرڻ ڪانپوءِ نتيجي جو جيڪو ڦل مليو ٿو اُن جو مزو ۽ نشو ئي نرالو آهي. "

" يعنيٰ تو منهنجو سهارو ورتو. "

" مطلب؟ "

" مطلب صاف آهي. ڪاميابي، ناموس، واه! واه!! ۾ منهنجو تصور. "

" نہ نہ نہ ..... اهڙي ڳالھ نہ آهي. "

" نہ آهي؟ ڪيئن نہ آهي. ڪي منهنجو سهارو ڪهڙي روپ ۾ ونن ٿا تہ ڪي ڪهڙي روپ ۾. ڪي " مظلوم " تہ ڪي " جابر " ڪي " گدا " ٿي تہ ڪي " فقير " بڻجي، ڪي تہ " حرفت باز " بڻجي تہ ڪي " نماڻا ۽ نهنا "، ڪي " تشدد " تہ ڪي " اهنسا" ۾ ڪي " فرشتي " جو اوتار بڻجي تہ ڪي "شيطان" جو چوغو پائي. "

" تون تہ صفا ڳالهين جو ڳوٺ آهين ڳوٺ! ڪٿان جي ڳالھ ڪٿي وڃي هنڌ ڪئي اٿئي. "

" جتي چوڙ ٿيڻو آهي اُتي ئي هنڌ ڪئي اٿم - ها اِهو ئي چاڻڻ چاهيندس هاڻي هنن جو وقت صرف تو لاءِ ئي هوندو آهي. تو لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏينديون هونديون. "

" برابر مون لاءِ ڪنديون ؟ "

" ڪنديون!! ڪنديون ڇو ڇئي رهي آهين. ڪن نہ ٿيون ڇا؟ "

" در اصل هنن ڪي ڪي مجبوريون آهن. پنهنجو گهر ڏسڻو اٿن. منهنجي خاطر گهر جو سڪون ٿوريئي وڃائينديون. آخرڪار هنن جو پنهنجو سنسار آهي ۽ ها وڏي ڳالھ هنن کي پنهنجي پتي پرميشور جو بہ خيال رکڻو پوي ٿو. اول پنهنجو گهر گهاٽ ڏسڻو پوي ٿو - اهو تہ دنيا جو دستور آهي. "

" پوءِ تون پنهنجي نند ڇو پئي ڦٽائين؟ "

" مان! ۽ پنهنجي نند ڦتايان، کهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي. مونکي ته آفيس جي ڪمن کان ئي فرصت ڪانه آهي. وڏي ڳالهه ته مون لاءِ موڪلن ملڻ جو مسئلو آهي. "

" ڇو؟ ٻيو اسٽاف ڪونه آهي ڇا؟ "

" نه نه ٻيو اسٽاف ڇو نه آهي ائين ته ٻيا ٻه آهن. "

" پوءِ توسان موڪل جو مسئلو ڇو؟ "

" سڄڻ توکي خبر ڪهڙي، خطن جا جواب تيار ڪرڻا تا پون، تبصري جو ترجمو، رڪارڊنگ وغيره وغيره لڳل آهي ۽ ان وغيره وغيره ۾ گهڻا ئي ڪم لڳل آهن. "

" ڇو؟ وغيره وغيره لاءِ ٻيو ڪو ماڻهو ڪونه آهي ڇا؟"

" ان لاءِ ڪئزئيل هئڻ ته بوڪ ڪندا آهيون پر تڏهن به فرمائشي خطن وغيره جو مسئلو ٿيو پوي. ڪن جا نالا غلط ٿين ته افسوس ٿئيم ڇو جو ويچارا ٻڌندڙ پنجن ڇهن روپين کان مٿي پئسا خرچ ڪري لفافا لکن. وڏي ڳالهه ته سنڌ جا ڪيترا ٻڌندڙ ڏوُر علائقن جي ڳوٺڙن، واهڻن ۽ بستين ۾ آباد آهن ۽ ڪئي ڪلوميٽر پيري پنڌ اچي پرواري ڳوٺ جي پوسٽ آفيس مان ٽڪليون ۽ لفافا وٺن. پنهنجي پگهر جي پورهئي جي رقم مان ورتل ٽڪليون ۽ وقت سيڙائي جذبن جو اِظهار ڪن. گهٽ ۾ گهٽ اُنهن جي قلم جي پورهئي جو احترام ته ڪرڻ گهرجي. "

"اِها همدردي ته سني آهي پر وغيره وغيره ۾ ٻيو ڇا؟"

" ٻيو توکي سمجهه ۾ ڪونه ايندو جو نشريات جو معاملو آهي. "

" ڇو مونکي جڻ ريڊيو جي جاڻ ڪانه آهي؟ مان ته هر هنڌ موجود آهيان. "

" ڇو؟ تون الله آهين ڇا جو هر هنڌ حاضر ناظر آهين؟"

" نہ الله سائين تہ نہ آهيان پر ائين دين دنيا جي حرفتن کان بہ اڻ واقف نہ آهيان. آخرڪار زندگيءَ جي شطرنج ۾ ڪي "پيادا" آهن تہ ڪي "وزير" ۽ اُنهن مٿان "راڻي" ۽ "بادشاه". بادشاه جي حڪم تي مهرا ٻڌجي مختلف چالون هلون ٿا. زندگيءَ جي ان شطرنج ۾ ڪو ڪٿي ٿو تہ ڪو هارائي ٿو ۽ شطرنج جي چال لاءِ دماغ ڪپي حرفت ڪپي، ۽ انهن چالن جي وڪڙ ۾ اچي، فنڪارن جا ڪانٽريڪٽ روانا ڪرڻ، چيڪ تيار ڪرڻ اُنهن جي سهوليت لاءِ پنهنجو شخصي ٽيليفون استعمال ڪري پاڻ کي نوڪي لڳائڻ وغيره وغيره اِهي ئي تہ .... "

" ڪانٽريڪٽ موڪلڻ منهنجي جوابداري ڪونہ آهي. اِهو تہ ائڊمنسٽريشن جو ڪم ۽ جوابداري آهي. "

" تون تہ پرفارمنگ آرٽيسٽ آهين اِها تہ پروگرام ائگزيڪيوٽوَ جي جوابداري آهي. ۽ تون اهڙي ڳهيلي آهين جو پنهنجي زر ۽ وقت جو نقصان پئي ڪرين يعني تون پنهنجي هوشياري ڏيکارڻ ۽ تعاون ڪرڻ جي روپ ۾ مونکي اپنائڻ جي ڪوشش ڪئي. "

" نہ نہ .... نہ نہ نہ اهڙي ڳالھ نہ آهي. "

" اهڙي ڳالھ نہ آهي تہ وري ٻيو ڇا آهي؟ "

" در اصل فنڪارن آرٽيسٽن جو پيمينٽس رهجي وڃن ٿيون پوءِ پروگرام ائگزيوڪئيٽ جي غير موجودگيءَ ۾ مونکي چون ۽ مون ۾ وري اهڙي پٽ جو ڪم اصل پيندنگ رکان ئي ڪين، جلدي اُڪلائيان. "

" يعنيٰ - جو ڪل ڪرو سو آج
جو آج ڪرو سو ابي
پل ۾ پرلءِ هئہ
ڦر ڪريگا ڪب . "

جن کي تڪڙا چيڪ يا ڪانٽرئڪٽ وغيره تيار ڪري موڪليندينءَ ته اُهي ضرور تنهنجي تعريف ڪندا هوندا. تنهنجي واه واه ڪندا هوندا. بس وينا اِهو اٿيئَي منهنجو هڪڙو پيارو نيارو روپ. "

" يعني. "

" اِها سڪٽي واه! واه!! واه!!! اڙي اڙي ڏندن ۾ آڱر دٻائي پرون تاڻي ڇو گهوري رهي آهين؟ "

" واه! واه!! جي ضرورت نه آهي. پر ڪيترن جو چوڻ آهي ته مونکي ٻيهر چوڻ جو ڪين موقعو ئي ڪونه مليو اٿن."

" پوءِ ته اُهي سڄڻ تنهنجو ڏاڍو خيال رکندا هوندا. پروگرام لاءِ صلاح يا دعوت وغيره ڏيڻ لاءِ تو وٽ ايندا هوندا. تنهنجو خيال رکندا هوندا. "

" مان پروگرام آفيسر ٿوريئَي آهيان جو مون سان ڳالهائيندا. پروگرام ته اُنهن کي اُهوئي ڏيندو. اِن ڪري اُن وٽ دعا سلام لاءِ ايندا آهن. "

" خير دعا سلام لاءِ اُنهن وٽ ويندا هوندا پر نينڍ ۾ ته اوليت توکي ئي ڏيندا هوندا. "

" ڳالهه هيئَن آهي ..... "

" ته ڪم ڪرائڻ ۾ اوليت توکي ۽ پٽ ڪائڻ ۽ چڱه - مڙسيءَ جي پڳه .... "

" اِها چڱه مڙسيءَ جي پڳه اُنهن کي ئي مبارڪ هجي."

۽ تو وٽ نلي تعريف جي روپ ۾ منهنجو ساٿ. اهڙن ماڻهن جي نيتي ٻڌايانءِ .

" ڪائڻ وقت ڏاند وهڻ وقت ڳابو. "

" يعنيٰ...... "

" جڏهن فائدو ونڻو هجي ان وقت سڀ ڪجهه ڄاڻن ۽ جڏهن ڪم ۽ سيوا جي ياونا اچي ان وقت اڻ ڄاڻ ۽ اسمرٿ. ٻيو ته ٻيو انهن سرسوتيءَ کي به سري عام نيلام ڪيو آهي.

" ڇي ڇي - اهڙا اِنسان اِخلاقي طور ڪريل ڇڱا ڀر مان توکي ٻڌائيان، مدد ڪرڻ انسان جو فرض آهي. اگر ڪو ماڻهو چار ڀيرا وقت سيڙائي اچي ان جو ڪم نه ڪرڻ غير اِخلاقي آهي. "

" اڙي ها! اِها غير اِخلاقي ڳالهه ڪرڻ به نه گهرجي. اُنهن به توکي اوترو ئي ساٿ ڏنو هوندو. وقت جي پابندي، جذبي جي سچائي ۽ واعدي جو احترام. "

" پابندي ۽ واعدي جو احترام. اڄ ڪالهه ماڻهن جي عادت کان ته تون واقف آهين. ها ڪري لاپته. ٻيڙيءَ تي چاڙهي ڦرهو ڪيڻ وارو پهه پڇائي وار ڪيائون. "

" جن کي تو پنهنجو قيمتي وقت ڏنو ائڊمنسٽريشن جا ڪم ڪيئہ، تن به الله ڙي !!! "

" ها، اُنهن به ...... "

" ڇي ..... ڇي ..... ڇي ..... ڪهڙي نه غير اِخلاقي حرڪت ڪيائون. اهڙن ماڻهن لاءِ ته مان اِئين چوندس لنڊ سان پڇي چڪر ...... "

" مون اهڙن شخصن جي مذمت ڪئي نظرانداز ڪيم. وري جيڪو مڙيو سو جڙيو ۽ پوءِ منهنجي اڳيان ڪنڌ ڪڻڻ لائق نه رهيا آهن جو هو .... جو هو شرم سار ٿي وري اهڙو ونهوار ڪرڻ جي جريت نه ڪري سگهندا.

" پر تو شايد اهو پهاڪو ڪونه ٻڌو آهي. "

" ڪهڙو ؟ "

" وڇونءَ کي بچاءِ، وڇون ڏنگ ضرور هڻي. "

" اِها ڳالهه ته صحيح آهي. چوندا آهن پهاڙ پنهنجي جاءِ تان هڪ هنڌان سري سگهي ٿو پر ماڻهوءَ جو سڀاءُ مرڻ گهڙيءَ تائين به ڪين بدلجي.

" وهه هٿين وهه پيرين، وهه جن جي وات
ڪاري ڪا جا ذات، جا مورن پر مٺي چڏي "
(شاه)

" هر گهڙي ڪوڙا دلاسا اِها ڪا اِنسانيت آهي. ٻيڙيءَ تي چاڙهي ڦرهو ڪڍڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي پر خبر نه آهي ڇو مونکي ازغئبي جهٽڪو لڳندو آهي ته اڳلي جو ارادو نيڪ نه آهي. ائين لڳندو آهي ته ڪا ازغئبي طاقت سهارو ڏيئي ٻڏڻ کان اڳ ئي سنڀالي وٺندي آهي. ان وقت وشواس گهات ڪرڻ وارن جو چهرو بدصورت لڳڻ لڳندو آهي. تعريف ۾ فريبي انداز جا جذبا ڇهري تي رفتا رفتا الڳ الڳ تاثر ڏيڻ لڳندا آهن ۽ حيرانيءَ جي ڳالهه اِها آهي ته مسڪراهٽ جي باوجود ائين لڳندو آهي ته اها مسڪراهٽ نه بلڪ بلڪ ڀيانڪ وار آهي. پر وار ٿيڻ کان اڳ پاڻ سنڀالي ورتو اٿم. ....
"

" واتان جنين وهه وهي، سي آيا اوڳارين،
جي آرڻ ٻڏي آئيا. تان نانگ نه نهارين،
ڏنيو ئن ڏاڙهين، ميل جنين جي من ۾ "
(شاه)

" ۽ .... ۽ پاڻ سنڀالڻ تي مالي ذڪ ۽ صحت ڪيرائيندي آهين.
"

" ظاهر آهي، مالي نقصان سان صحت تي اثر ته پوندو. اگر ڪو وشواس ڏياري وشواس گهات ڪري ته پوءِ مختصر وقت اندر پاڻ سنڀالڻ تي صحت تي اثر ته پوندو ئي پر اهڙين حالتن ۾ ڪاميابيءَ جو مزو ئي ٻيو ٿيندو آهي. "

" يعني " خودداري.

" پلي بک پرم جي شال نہ وڃي شان. "

" تہ مان ائين چونديس تہ خودداريءَ جو لقب حاصل ڪرڻ لاءِ صحت جي قرباني ۽ تفريحن کي خيرآباد ڪري تو مونکي - ها منهنجي وجود کي گَلي لڳائيو. "

" ڏس، ڏس مان توکي ڇو گَلي لڳائينديس. ڪٿي منهنجو هٿ نہ هلي وڃي. "

" ڪول ڊائون، پليز ڪول ڊائون، آءِ ايم ساري. دراصل ماڻهن مونکي ايترو تہ چڙواڳ ڪري ڇڏيو آهي، جو مان ڪڏهن ڪڏهن حد اورانگهي ويندو آهيان. پر ساڳئي وقت مونکي اِهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ دنيا ۾ ڪي غيرتمند ۽ خوددار اِنسان بہ آهن. اهڙيون شخصيتون مونکي ڇٽ ڇماهيءَ ملنديون آهن. اُنهن سان منهن ڏيڻ ڏکيو ٿي پوي. اهڙن پيارن ۽ عزيزن جو تعداد اڄ ڪلهہ جي دؤر ۾ گهٽ ئي ملندو. "

" ڪلجڳ ۾ وڪارن کان پاڻ کي بچائي رکڻ بہ تہ مشڪل ڪم آهي. خير اِنسان خطا جو گهر آهي. غلطي ٿي ئي ويندي آهي. مون کان بہ هڪ نہ بہ پر سوين ٿيون هونديون. مان بہ اِنسان آهيان ڪو فرشتو نہ آهيان. "

" وينا، اِنهن غلطين ڪري تنهنجون ساهيڙيون اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدن ۽ بي.بي.سي. تائين پهچي ويون پر تون اُتي جو اُتي رهجي وئين. "

" اگر هر ماڻهو بي.بي.سي. تي پهچي وڃي يا ٽي.وي. تي ڇهرو ڏيکاري تہ .... "

" بلڪل صحيح آخر ريڊيو ڪيڏانهن ويندو ۽ وري سنڌي سروس جو ڇا ٿيندو؟ سنڌي ٻوليءَ جو ڇا ٿيندو. ائين نہ ؟ "

" مان ائين ٿوريئي ٿي چوان تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سروس جي خذمت مان ئي ڪري رهي آهيان. اگر پنهنجي زبان، ٻولي يا فن سان ٻين ڪمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نيائي سگهجي تہ ان ۾ ڏوھ ئي ڪهڙو آهي؟ "

" پنهنجي ٻوليءَ سان نيائڻ واري اِنهيءَ جنون ئي تہ توکي پنهنجين انڪريمينٽس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. ڀلا توکي يونٽ جي مصروفيتن مان فرصت ملي تہ تون ڀڄ ڊڪ ڪري پنهنجي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ جاکوڙ ڪرين. "

" در اصل منهنجي آفيسرن مونکي ڏاڍو زور ڀريو منهنجي محنت ۽ شونق کي ڏسي منهنجي همٿ افزائي ڪئي. ٻئي ڪنهن هنڌ نوڪري ڪرڻ کان منع ڪئي. "

" جي توکي ايترو ڀائيندا آهن تہ توکي ڊپارٽمينٽل پروموشن ۽ انڪريمينٽ بہ ضروري ڏياري ..... "

" نہ مان ان کان محروم رهيس. "

" ڇو؟ ان ڇو جو شايد تو وٽ جواب ڪونہ هوندو. تنهنجو ڪو گاڊفادر ڪونہ هوندو ۽ وڏي ڳالھ تہ...... "

" مون پنهنجي آفيس جي ڪم ۾ ڪڏهن ڪا ڪوتاهي ڪانہ ڪئي آهي. ڪي تہ اڪيلي سر اهڙا پروگرام ڪيا آهن جو انهن جو رڪارڊ رهندو. "

" يعني ايماندار ۽ محنتڪش ملازم جيڪو پنهنجي حق جو معاوضو نہ وٺي ڪري پاڻ کي صرف "وفادار" لقب ڏيارڻ تي راضي رهي ۽ واھ! واھ!! ٻڌي تسڪين ماڻي ۽ ڪم جي فڪر واري جنون ۾ مبتلا انسان کي مان "خودغرض" قرار ڏيندو آهيان. "

" خود غرض ! پاڻ کي تڪليف ڏيئي ڪم ڪرڻ خود غرضي آهي. هيءُ تہ "لذ بہ ڏي تہ لذاٽي بہ" . اُلٽو اِلزام - لڳي ٿو "چوڏس جو چنڊ" ڏٺو اٿم. هڪ ٻئي مٿان الزام پيا لڳن. "

" جيستائين "خودي" "خودداري" جو دامن اوڙهيل رهندءِ، تيستائين "چوڏس جي چنبڊ" واري سزا ملندي رهندءِ. "

" وويڪ کي وڏي زندگي گهارڻ نہ صرف مشڪل پر محال آهي. "

" تہ پوءِ هر نئين صبح سان نون ڪلنڪن جي آمد لاءِ تيار ٿي. "

" پر صبح ڍلجي شام ۾ پير پائيندي رات جي اونداهيءَ ۾ بہ تہ غرق ٿيندو آهي. "

" وينا ...... پر ...... پر ...... ان اونداهيءَ کان اڳ ۾ :

" اسين ان ابلا تي رحم ڪائيندا آهيون

جا اڄ جي دؤر ۾ خودداريءَ جو پلاند پڪڙي

آدرشن جي واٽ وٺندي آهي.

اُن جي اهڙي جري پلاند کي

الزامن جا ڪلنڪ لڳائي

ڪارو ڪندا آهيون

۽ منزل تي پهچڻ کان اڳ

ان کي راهہ رباني اُماڻيندا آهيون

چو تہ .... "

" توکي تہ هر ڳالهہ ۾ .... "

" محترمہ مونکي هر ڳالهہ ۾ حقيقت نگاري نظر اچي ٿي. مان ان کي سيوا جي ڀاونا چوندس. بس! هاڻي تہ خوش آهين. جيڪا تنهنجي پيءُ ماءُ ۾ بہ آهي. "

" مان پنهنجي امڙ ابي جي تہ جتيءَ ۾ بہ پير ڪونہ سگهنديس. پر اِها ڳالهہ صحيح آهي تہ منهنجي پيءُ ماءُ غريبن جي خدمت، محتاجن ۽ بي مددگارن جي مدد ڪري سماج سيوا ۽ نيڪ ڪمن ۾ پنهنجي پوري زندگي صرف ڪئي. "

" جنهن جو نتيجو ڪين ضرور مليو هوندو. "

" نتيجو؟ "

" اڙي نتيجو نہ ڦل چوان. "

" ڦل ! "

" ڦل بہ نہ چوان تہ پوءِ ان ڪي روارڊ جو لقب عطا ڪيان يا احترام ۾ مان سمان چوان. جيڪو تنهنجي ابي امڙ کي ضرور مليو هوندو. "

" منهنجي امڙ ابي کي ڪهڙو روارڊ مليو. اُلٽو هنن زندگيءَ جو وڏو عرصو پنهنجي ٻارن کان پري گذاريو پنهنجو وقت ٻين جي حوالي ڪيو. جڏهن ڏس ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر - تتيءَ ٿڌيءَ - مينهن جهڙ ٻيو تہ ٻيو ٻاراماهي ڏڻ تي بہ پپا جن ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر گذاريو. اڄ تائين پڙدي پٺيان ننڍڙي ڳوٺ ۾ گمناميءَ جي زندگي گهاري رهيا آهن. ڳوڻائي چون توهان جو ئي آسرو آهي ورهاڱي کان پوءِ بہ هندستان لڏي ڪونہ اچي سگهيا. "

" ڇو ؟ "

" پنهنجي جنم ڀومِي ۽ ابن ڏاڏن جي پڪن پيرن ۾ ڪڙيون وجهي ڇڏين. نہ تہ ورهاڱي وقت لڏين ها تہ هتي اسان سڀني جو سنو آئينده ٺئي ها. 1947 ۾ اسان جو مامو ڪَسٽوڊين هو. انهن سنڌ جي ملڪيت جي عيوض دهليءَ جي پاش ڪالوني سندر ننگر ۾ پلاٽ ۽ جمنا پار زرعي زمينون وٺي ڏنيون. انهن جو هڪ فصل بہ ڪنئيائون. اڄ انهن جون قيمتون چوٽ چڙهيل آهن. ان کان علاوه حيدرآباد دکن جيڪو هن وقت آنڌر پرديش ۾ آهي، ان جي هڪ نواب سان ملڪيت جي مٽا سٽا جو سؤدو بہ پڪو ڪري ڏنائون. پر پپا جن انهيءَ جي باوجود سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ ترڪ ڪري واپس شهدادڪوٽ هليا ويا. "

" ڇو ؟ "

" هنن چيو سنڌ مان لڏ پلاڻ عارضي آهي. هرڪو واپس موٽي ايندو. نہ صرف پاڻ رهيا پر پاڻ سان گڏ ٻين ڪيترن ڪٽنمبن کي لڏڻ کان منع ڪيائون. "

" ٺيڪ تہ ڪيائون هندوستان وڃڻ مان ڪهڙو فائدو؟ دهليءَ جي مال ملڪيت ڇڏي پاڪستان پنهنجي خذمتن جو اجورو حاصل ڪرڻ لاءِ موٽي آيا هوندا ؟ "

" يعني "

" يعني! اِهو تہ تنهنجي پيءُ کي هندوستان نہ وڃڻ ۽ پنهنجن پڪن سنڌ جي سرزمين سان پيار " جيجل سنڌ " کي سيني سان لڳائڻ جي عيوض روارڊ نہ عطا ڪيو ويو. "

" روارڊ - ڪهڙو روارڊ؟ "

" 1965 جي هند - پاڪ جي جنگ ۾ ٽي مهينا سکي سينٽر جيل جو اُماڻيو ويو. "

" اُها تہ .... "

" اِهو ئي نہ - اُها تہ احتياط واري نظربندي هئي. "

" بلڪل - اُن وقت گرم هوا هئي ماحول ۾ فرقي پرست زهر ڦهلائي رهيا هئا. هندن سان گڏ ڪيترا مسلمان بہ هئا ڪيترا سرحدي صوبي بلوچستان جا اڳواڻ بہ نظربند ڪيا ويا. اِهو عمل، چند گندن ۽ سماج دشمن عناصرن ۽ فرقي وارانہ نفرت ڦهلائيندڙ تعصبين ۽ ديوانن جي شرارت، هو. "

" وينا ان ۾ سنڌي مسلمانن جو هٿ ڪونہ هوندو؟ " " مان ائين تہ نہ چونديس تہ سنڌي مسلمان ڪونہ هئا . ڪو طبقو ضرور شامل هو؟ "

" خير پوريءَ قوم کي تلاهي نهرائڻ غير مناسب ٿيندو. جنم يومي ۽ ٻوليءَ لاءِ پيار تہ سڀ کان مٿي آهي. ڪن ۾ گهٽو ڪن ۾ ٿورو. "

" اِنهيءَ ڪري تہ مون توکي چيو تہ مان الڳ الڳ روپن ۾ مؤجود آهيان. "

" پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب سان پيار ڪا خودغرضي ٿيندي آهي؟ "

" منهنجا معصوم سڄڻ توکي ڪيئن سمجهايان ؟

" مونکي تنهنجي فلاسافي سمجهڻ جي ضرورت بہ نہ آهي. اسان جي تهذيب قديم ۽ عظيم آهي. جتي سيتا جو سورج سڀ کان پهرين اُڀريو. اُن تي نہ صرف اسان کي فخر ۽ ناز آهي پر پوري دنيا کي فخر ٿيڻ گهرجي. تواريخ نويس اُن کي نظرانداز نہ ٿا ڪري سگهن. اُنهن کي سنڌ جو ذڪر ڪرڻو ئي پوندو. "

ڪر ڪٺا لاهي، سڪ نہ ستا ڪڏهين،
ڪاهوڙين آهي، اوسيئڙو ڪنهن پنڌ جو
(شاهہ)

" خير محترم ان ۾ تنهنجو ڏوهہ ڪونہ آهي. ٻولي، تهذيب، قوم هڪ اهڙو نازڪ پهلو آهي، جنهن تي جذباتي ٿيڻ ڪو گناهہ بہ نہ آهي. پر ٻوليءَ جي آڙ وٺي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ تہ ڪو توهان کان..... "

" ڇا چيو تہ ..... "

" توهان جي جاتيءَ ڪيڏو نہ ناءُ ڪمائيو آ - اڄ مرد مالدار ليکيا وڃن ٿا ۽ عورتون خوبصورت. توهان جو شمار ائڊوانس ۽ براڊ مائينديڊ طبقي ۾ ڪيو ٿو وڃي. "

" توهان ذات پات جي پيد ياءُ کي مٽائي ۽ ريتن رسمن جا ٻنڌن ٽوڙي ٻين جاتين کان گوءِ کڻي ويا آهيو اڄ ڇوڪرين بنگالي،

گجراتي، سک، عيسائي، پارسي، ڪشميري ۽ آفريقي ڪٽمبن جا ويڙا وسائيا آهن. "

" اسان کي حالات مجبور ڪيو. "

" توهان کي ته ورهاڱي جي واءُ ۽ حالت مجبور ڪيو پر سنڌ جو عورتون اڄ به پڙدي جي اوٽ ۽ تنگ نظريي جي ڪوٺن ۾ قيد آهن. "

" اگر جديد ۽ زماني سارو واٽ ونون ٿا ته مهٽو ٿو ڏين اگر سنڌ جو پينر رواعتي راهه اختيار ڪن ٿيون ته تنگ نظريي جي ڪوٺن جو قيدي قرار ڏين ٿو. "

" نه صرف اهو پر مان اهو به چوندس ته سنڌ جا سنڌي مسلمان پنهنجي طرفان ورتل واٽ جي راهه پلجي ويا آهن. توهان جي ايندڙ پيڙهي توهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي جو توهين انهن کي اهڙي مجهدار ۾ ڏڪي رهيا آهيو جنهن پنور مان نڪرڻ محال ٿيندو. "

" نه - نه ائين نه ٿي سگهندو. زماني جي گردش ۾ وقت هر قوم تي آيو آهي. سنڌي قوم تي به وقت به وقت ڏارين جون يلگارون ٿينديون رهيون هيون. اُنهن مان اڳ ۾ به نڪري پار پئي آهي ۽ اڳتي به .... "

" آمين! توڪي نا اُميد ۽ مايوس ڏسي مونکي افسوس ٿي رهيو آهي. "

" افسوس نه ڪر پر ماضيءَ جي تواريخ جي ورقن کي وراءِ - اُنهن ورقن ۾ اُنهن شهيدن جي لهوءَ سان اِتهاس لکيل آهي جن جي قربانين رنگ لاتو - شهيد مخدوم بلاول، هيمو، هوشو، مهاراجا ڏاهر، دولهه دريا خان، دودو، شاه عنايت شهيد. "

" پر عظيم ماضي اُنهن شهيدن جي تواريخ ۽ قربانين کي ڏسي خوش فهميءَ ۾ مبتلا رهڻ ڪٿان جو دستور آهي."

" في الحال تہ اسان جي جاتيءَ تي راجا منسک جي راٺيءَ وانگر ڪلنڪ لڳل آهن. اهڙو ڪو مها - لڪشميءَ جو پرڪوپ ٿيو آهي. جتي وجون ٽا لوڏجون ٿا. ڪڏهن ڙي ڪڏهن پر مها لڪشمي اُهو ڏينهن ضرور آڻيندي ڪلنڪ لهندا ۽ هر ڪو جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو. "

" مها لڪشمي اوهان تي ديا ڪري پر صرف تِن جِي پوڄا سان .... "

" صرف مان نہ پر .... "

" پر منهنجي مراد ان طبقي سان آهي، جيڪو ٻوليءَ جي حفاظت ڪندڙ ۽ نام نهاد سماج سيوڪ طبقو آهي، توهان جي ٻوليءَ کي آڪسيجن تي جياريو پيو وڃي. ها زنده رکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي غلط سئلينڊر مان آڪسيجن ڏني پئي وڃي. جا ڳالهہ ڏسي مونکي بي حد افسوس ٿيندو آهي پر مان ڇا ٿو ڪري سگهان. مان تہ هر اِنسان جي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ مدد ڪندو آهيان. پر جڏهن توهان جي جاتيءَ جو اُهو سرگرم طبقو پرچم بلند ڪندڙ سنڌيت جو علم بردار، منهنجو حد کان وڌيڪ سهارو وٺي پنهنجا مقصد بر ثواب ڪندو آهي تہ ٿورو ڏک بہ ٿيندو آهي. وري ٻيءَ ساعت خيال ايندو آهي، اگر اهڙو طبقو منهنجو سهارو نہ وٺي تہ مان اڪيلو پئجي ويندس. "

" تنهنجي سهاري جي ضرورت نہ آهي. "

" ڏاهي توکي پل نہ هجي. پر انهن نام نهاد سماج جي ٺيڪيدارن کي تہ آهي نہ.؟ جن جو اصول ڪن جو "ڏيب ڪن جو وات" جيڪي تهذيب ۽ ٻوليءَ لاءِ معصوم عوام کي گمراهہ ڪن ٿا. ان کي زنده رکڻ ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪوڙو واعظ ڪن ٿا. جن جي نند، صرف منچ جي ڪرسي وٺڻ، گڏجاڻين جي صدارت ڪرڻ لاءِ، ڦِٽل رهي ٿي. انعام اقرام وٺڻ ۽ ڪميشن ڪائڻ لاءِ منهنجو حد کان وڌيڪ سهارو وٺن ٿا اهي ان چوٽيءَ ۾ واهہ جو استعمال ڪن ٿا "پائرن جو هڪڙو هٿ روٽيءَ ۾ ٻيو هٿ چوٽيءَ ۾." اهو صرف انعامن اقرامن

اعزازن ۽ ٻوليءَ تي ڪائڻ وقت ڪن ناز ٿا پر جڏهن ڪو خدا جو نيڪ بندو ايمانداريءَ سان سيني کي سڌ ڏئي ٿو ته پوءِ صرف "هٿ چوٽيءَ ئي چوٽيءَ ۾" جيستائين ويچاري جو تڏو نه کٽائين. اُنهن کي ڏينهن رات اُٿندي وهندي منهنجي ضرورت ٿئي ٿي. ها صرف منهنجي ۽ اُنهن جو رات ڏينهن هر گهڙيءَ هر پل مونکي ياد ڪرڻ بور ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته پيچ ٻڪ ڪندي ڪمزوري به محسوس ڪندو آهيان ۽ منهنجي هاڪ ۽ ڌاڪ ايڏي ته وڌڻ لڳندي آهي جو ..... "

" فڪر نه ڪر اُهو وقت پري نه آهي جو تنهنجو اُهو هاڪ ۽ ڌاڪ جو واريءَ وارو محل ڊهي پٽ پوندو. هيءَ ته سچ ۽ ڪوڙ جي جنگ آهي. توکي ۽ اُنهن چند نام نهاد شخصيتن کي به جيڪي قوم ۽ جاتيءَ تي بدنما داغ آهن، مايوسي ۽ ناڪاميءَ سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو. پڙدو فاش ٿيندو ۽ تنهنجو بدصورت چهرو بي نقاب ٿي ويندو. تون تنها رهجي ويندين تنهنجو دم گهٽجڻ ..... "

" منهنجو دم ته پوءِ گهٽجندو پر في الحال پنهنجي ٻولي تقاضت ۽ تهذيب جي دشا تي تنهنجي حالت مان ڏسي رهيو آهيان ڏس ڏس - تنهنجي ..... "

" مون ۾ ڇا ڏسي رهيو آهين؟ "

" اهو ئي. "

" لڙڪ هڪڙو تنهنجي اک ۾

مون جو انين اٽڪيل ڏٺو

روئي ڏنم ان حال تي. "

" ڪٿي آ منهنجي اک ۾ لڙڪ ؟ "

" ڪٻيءَ اک ۾ آلاڻ آ ...... "

" نه نه شايد ڪجهه اک ۾ پئجي ويو هوندو. "

" مومل! اڪ ۾ ڪجهه به ڪونه ڇپيو آهي، پر جڏهن دل کي ڏک لڳندو آهي ته ويچاري دل جو ساٿ اڪ پنهنجي آلاڻ سان ڏيندي آهي پر اِن لاءِ ...... "

" توکي ته هر ڳالهه تي گمان ۽ شڪ رهي ٿو. اِها عادت سٺي نه آهي. "

" وينا اِها ڳالهه مان توکي اِن لاءِ چئي رهيو آهيان جو پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب کي هٿان نڪرندي خوف وچان تواريخ جا ورق ورائڻ ۽ ليڪچر ڏيڻ به ته تو ئي شروع ڪيا آهن. صوفي شاعرن، شهيدن جي تصنيفن، سوانح نگاري کي ور ور ڪري پڙهڻ شروع ڪيو اٿيئي. اِنهن دستاويزن جا ورق ورائڻ شروع ڪيا اٿيئي. "

" دستاويز نه پر پر مقدس گرنٿ چئه. جنهن کي تون ليڪچر چئي رهيو آهين، اُهو ليڪچر نه بلڪ جذبا آهن. اُهي نيڪ جذبا قلم ذريعي اِظهار جو روپ اختيار ڪن ٿا ۽ اهڙن جذبن جو هئڻ به لازمي آهي. پنهنجي ٻوليءَ سان نيائڻ هر اِنسان جو اِخلاقي فرض آهي. "

" تنهنجي جاتيءَ وارا ڪيتري حد تائين اِخلاقي فرض ادا ڪري رهيا آهن، اِهو هڪ واريءَ تنهنجيءَ دل مان دانهن نڪرڻ مان معلوم ٿيو. "

" ڪڏهن؟ ڪهڙي وقت مونکي ته ياد نه ٿو پوي. "

" جي توکي ياد نه ٿو پوي ته مان توکي ياد ڏياريان. لطيف سيمينار دؤران پريشان ٿي توئي ته پنهنجي ڊائري ۾ لکيو ...... "

" ته .... "

" توهين سڀ ڄامڙا آهيو
قديم تهذيب ۽ عظيم سڀيتا کي به
ڄامڙو بڻائي ڇڏيو اٿوَ .
نه پاڻ ماڻيو ٿا نه ٻين کي ماڻڻ ڏيو ٿا .

خير اِهو تمام نازڪ مسئلو آهي ان تي مان وڌيڪ بحث نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. "

" تون تہ صرف هڪ پهلوءَ جو بيان ڪرين ٿو. هڪڙي طبقي جو تجربو بيان ڪرين ٿو. لطيف سيمينار دؤران ڪيترن سڌ ۾ سڌ ڏنو، اُنهن جو تون ذڪر ئي نہ ٿو ڪرين. "

" ائين تہ دنيا ۾ ڪئي نيڪ اِنسان اجان بہ موجود آهن. توڪي ۽ اهڙن نيڪ جذبن وارن هند ۽ سنڌ جي ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن ڪي دعا ٿو ڪريان تہ اوهين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب وڃو. "

آميـن !

۽ جيڪي منهنجو سهارو ونئي پئسا ڏيئي طوفاني رفتار سان پنهنجون تصويرون ڇپائي ۽ سنمان ڪرائين ٿا اُنهن ڪي ...... "

" اُنهن ڪي شڪست نصيب ٿئي. آميـن ! "

" اڙي وينا منهنجي جملي پوري ڪرڻ کان اڳ توئي پنهنجي طرفان جملو پورو ڪيو. "

" مونکي ڄاڻ آهي تہ تون اُنهن جي بچاءُ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ اُلٽو سلٽو اِظهار ڪرين ها. اِنڪري مان اهڙي ڪابہ ڳالھ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان. "

" ڇگو تون ئي خوش رھ منهنجون دعائون تو ساڻ آهن. "

الله !!

ڇا ٿيو ؟

" مري ويس. "

" ڇي ! ڇي !! ايترو جلد مرڻ جي ڳالھ نہ ڪر. اهڙي نياڳي وائي نہ ڪڍ. تنهنجي هٿ جي ليڪن ۾ تنهنجي عمر جي ليڪ تمام وڏي آهي. "

" مونکي نہ کپي وڏي عمر - نندپڻ ۾ مونکي مرڻ کان ڊپ لڳندو هو. پر هاڻي نہ - بلڪل نہ - اِنسان رتيءَ راند مان نڪري وڃي.

الله ڙي منهنجي ڊيوٽيءَ جو ٽائيم ٿي ويو آهي. تون ته ڳالهين جو ڳوٿ آهين. پلجي ويس ته مون کنهن کي رڪارڊنگ لاءِ ٽائيم ڏنو آهي. "

" گهر اندر داخل ٿيڻ وقت مون توکي چيو ڪين هو ته مان تنهنجو دوست آهيان. "

" چي - هل ڙي هل - تون ۽ منهنجو دوست پنهنجي .... "

" چئه نه - رڪجي ڇو وئينءَ. جملو پورو ڪر نه - دوستي ۽ وري تو جهڙي جنس سان يعني استحصال سان. اِئين نه ؟ "

" توکي بار بار پنهنجي نالي ڳنهڻ جي ضرورت نه آهي . "

" الڳه الڳه زبان ۾ جيڪي منهنجا ناءَ تو ٻڌايا 'وينو' اُهي هڪ دفعو وري توکي ياد ڏياريندو وڃان ڪٿي پلجي نه وڃين. "

" منهنجو نالو تميز سان وٺ وينا شرنگي. 'وينو' چوڻ جو توکي ڪو حق نه آهي. مونکي تنهنجي نالن جي ڄاڻ آهي نه صرف مان ياد رکندس پر سيني کي چيتاوٽي ڏينديس ته انهن ناون کان ڪنارو ڪن، exploitation استحصال، شوشڻ پرماريت ...... "

" .... "

" بس بس مونکي ڊپ آهي ته ڪٿي آل انڊيا ريڊيو جي پرڏيهي نشريات تان نشر ٿيندڙ چوويهن (24) زبانن ۾ منهنجو نالو نه ڳنهين. مونکي دوست نه ڪري پانئه پر عزيز ئي سهي .... "

" دماغي توازن ته نه بگڙجي ويو اٿيئي؟ "

" اگر ايڏو غصو ٿو لڳيئي ته عزيز نه سهي پر خيرخواه ۽ سڄڻ سهي. "

" خيرخواه ۽ سڄڻ وري تو جهڙا؟ مان! مان ته پنهنجن دشمنن کي به حدايت ڪنديس ته تنهنجي سائي کان به پري رهن. "

" في الحال سائي ڪان ٻه پري رهڻ ته پري پر هن وقت تون منهنجي قريب آهين، بلڪل قريب. مون سان محو گفتگو - مون محسوس ڪيو ته دل جا حال اورڻ لاءِ ڪافي ڪوئجي وئي هئينءَ. "

" مان ! ۽ توسان حال اوريان. ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي "

" محترم تون مجين نه مجين پر تو دل کولي ڳالهيون ڪيون ۽ اهڙي ئي انداز سان ميزبان بڻجي مهمان نوازيءَ جو فرض ادا ڪر. "

" اڙي مهمان ته پاڳن وارن جي گهر ايندا آهن - ۽ وري سنڌ جي سر زمين جي ته مهمان نوازيءَ جي ته ساک ۽ هاک آهي ۽ پنهنجو پيٽ ڪٽي ٻه مهمانن جو پيٽ ڀرين. پنهنجي آئينده جي ابن يعني ايندڙ پيڙهيءَ جي منهن مان گرهُ ڪي مهمانن کي کارائڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺا آهن. "

" يعني ! "

" اِهي ئي تنهنجي سنڌڙيءَ جا سپوت جن ڌارين کي پنهنجي هٿن سان سڀ ڪجهه ڪڍي ڏنو آهي. لطيف سائينءَ جي شعر جو اوهان واه جو اِستعمال ڪيو آهي. "

" سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين. "

توهان عالم سڀ آباد ڪرين جي فڪر ۾ ايترو ته جڪڙجي ويا آهيو جو پوري عالم کي ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيڻ جي نينڊ ڏني اٿو. نه صرف ايترو پر توهان پنهنجي بي بها موڙي ڪراچيءَ کي پاڪستان جي گادي بڻائڻ جي رضاڪارانه آڇ ڪئي هئي. سرخرو ٿيڻ جو مزو ته اوهان ماڻيو ...... وري هاڻي ...... هاڻي ته ملڪي گاديءَ مان ڦري بس بين القوامي مرڪز بڻجي پئي آهي. ۽ توهين پنهنجي ئي گهر ۾ ڳولهيا نه ٿا لڀجو.

واه! سائين واه!! ڇا تہ توهان اُن بيت جي آخري سٽ جو استعمال ڪيو آهي.

"سائين منهنجا اڇو" توهين اسان جي دين جا پاءُ آهيو. اڄي سنڌ ۾ آباد ٿيو. جڏهن امڙ جي سيني تي ايڏو بوجهہ وڌو اٿو جو جيجل ويچاري پيڙا ۾ مبتلا آهي، پوءِ سڪار ڪٿان ٿيندو؟ "

" ٿيندو ضرور ٿيندو. اُميدون برثواب ٿينديون. خوشحاليءَ جو نئون سج ضرور اُڀرندو. "

" نئون نياپو آيو راڻي ملان رات
لڌي سون لطيف چئي ڪنا ڏاتر ڏات
ڪهڙي پڇين ذات جي آئيا سي اگهيا."
(شاه)

" آمين ! وينا منهنجون نيڪ تمنائون توهان سان آهن. توکي تہ زماني جي واءُ لڳي وئي آهي. تون مهمان نوازي ڪانہ ڪندينءَ. ۽ وري مان اهڙين فارمليٽيز ۾ يقين رکان ڪين. تون ڀل زحمت نہ ڪر مان پاڻ ئي وڃي تو لاءِ چانهہ ٿو ناهي اچان جيستائين چانهہ تيار ڪريان تيستائين هان هيءُ پاڻيءَ جو گلاس لبن تي لڳاءِ جو چپ خشڪ ٿي رهيا اٿيئي."

" ڏس ڏس منهنجي قريب نہ اچ خوامر خواه منهنجو هٿ هلي ويندو. "

" مونکي خبر آهي تنهنجو هٿ هلندو آهي ۽ زوردار نموني هلندو آهي. اِها بہ ڄاڻ اٿم تہ هڪ روڊ روميو جي ڇهري تي اهڙو زوردار هٿ هلايئہ جو جناب جي ڇهري تي نہ صرف پنج ئي آڱريون ڄمي ويون پر سندس ڇهري تي موجود موهيڙن جي ڦاٽي پوڻ سان رت ۽ روڳ ڪري تنهنجو هٿ بہ خراب ٿي پيو هو. ۽ تون اُن ڏهاڙي ڏهہ ڀيرا هٿ Detol سان ڌوتا هئا. "

" پوءِ ائين عورتن تي روڊ روميو فقرا ڇو ڪسيندا آهن؟ اڙي ..... اڙي ..... اڙي ..... شرمائجڻ جي کهڙي ڳالهه آهي. ڪاوڙ ۾ هٿ ڪڄي ئي ويندو آهي. جيئن ٻئي ڀيري هڪ سڙڪ ڇاپ مجنوءَ ڪي چماٽ هڻي چار ڏهاڙا بخار ۾ بستري داخل ڪيو. تئين جناب جي سيني تي سر هڻي دل کي ڌڪ رسائي مٿي پهچائڻ جو پاپ پنهنجي سر تي کڻڻ جو سندرو ٻڌو ۽ چڱو ٿيو اُن جناب راهه رباني نه ورتي نه ته بيلي تو لاءِ ..... "

" پوءِ ائين عورتن تي اِهي سڙڪ ڇاپ مجنو ڇو ٿا پنهنجي عاشقي جملن سان وار ڪن. اِنهن کي شرم نه ٿو اچي. "

" پر هاڻي تنهنجو هٿ نه ٿو کڄي هاڻي تون ڏاڍي عقل واري ٿي وئي آهين. هاڻي اهڙن ڪارنامن تي ..... ڪٿي توسان ..... "

" گدڙ ڊاڪ نه پڄي آکي ٿوُ ڪٺا. "

" ها ها ..... ها ها ها ..... ها ..... ها ..... ها ..... پهاڪو سٺو ڏنو اٿيئي. اڄ ڪلهه تنهنجي هٿ نه هلڻ جو ڪو خاص سبب آهي ڇا؟ تو ڇو بند ڪيو آهي. "

" ڇو جو هر مرد روڊ روميو ڪونه آهي. "

" ۽ هر مرد وشوامتر به ڪونه آهي. "

" ساڳيءَ طرح مرد ۽ عورت ٻنهي ۾ به طبقا آهن اهڙن مردن سان ملجي جيڪي احترام ڪن، عورت جي عزت ڪن."

" پر سماج. "

" سماج نه مردن جو جوڙيل آهي. اڄ جي عورت کي مختلف ناون سان نوازيو پيو وڃي. پنهنجي آرزئن ۽ خواهشن جي چند لمحن جي تسڪين لاءِ عورت کي نشانو بڻائيو پيو وڃي. "

" پر ...... پر ...... "

" پر مون بہ اِنهن آرزئن ۽ ارمانن جي ہرندڙ گلن کي عورت جي رواداريءَ سان بدصورت ۽ ناڪام بڻائڻ جو عزم ۽ عهد ڪيو آهي. "

" ڪٿي عورت جي احترام ۾ پيار تہ سمائيل نہ آهي. "

" الله ڙي ! تو تہ منهنجو دماغ ڪائي ڇڏيو آهي. مان ڇوان ٿي منهنجي اکين اڳيان ٿري وڃ. "

" نيڪ آهي بابا ناراض نہ ٿي. خوام خواہ پنهنجو بلڊ پريشرهاءِ نہ ڪر. مان دعا ٿو گهران تنهنجو اهو احترام وارو جذبو پيار ۾ تبديل ٿئي ۽ ڪڏهن عشق ۾ مبتلا ٿين ۽ پيار ڪرين. "

" مون وٽ بيڪار! ڳالهين لاءِ وقت ڪونہ آهي. "

پيار ۽ بيڪار! هن سنسار جو آڌار ئي پيار آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جون گاٿائون تو نہ پڙهيون آهن ڇا؟ "

" پنهنجن خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڀڳوان جو سهارو وٺن ٿا. "

" تو گيت گووند نہ پڙهيو آ. "

" نہ. "

" پلا ڪالي داس جو ميگهہ دوت. "

" نہ. "

" تہ مان توکي صلاح ڏيندس تہ جئہ ديو جو گيت گووند ۽ ڪاليداس جو ميگهہ دوت پڙهي ڏس. توکي پنهنجي ماضيءَ کي ڄاڻڻ گهرجي. ڌرم جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. "

" مونکي اِنهن جي ڄاڻڻ جي ڪائي ضرورت نہ آهي. مهرباني ڪري منهنجي اکين اڳيان ٿري وڃ. "

" وڃان ٿو - وڃان ٿو - منهنجي وڃڻ ڪان پوءِ نہ پڇتائجانءِ. متان پوءِ ملال ڪرين، پوءِ افسوس ڪرين ۽ مونکي ياد ڪندي رهين، پڪاريندي رهين. اڇ موٽي اڇ. مان توکي ڏاڍو ياد ٿي ڪريان. "

" وچ ڙي وچ تو جهڙا سوين ڏنا آهن. "

" تو سوين ڏنا هوندا پر .... پر منهنجي اهميت ئي ڪجھ ٻي آهي. اِئين نہ ٿئي تہ وقت هٿان نڪري وڃي ۽ مان توڪان ڪوهان پري هليو وڃان. تون منهنجي سهاري لاءِ تڙڦندي رهين. "

" تڙڦ ۽ تو لاءِ؟ "

" بلڪل - اِئين نہ ٿئي جو منهنجي سهاري حاصل ڪرڻ لاءِ مونکي آزيون نيزاريون ڪرين ۽ ...... "

" آزيون نيزاريون توکي؟ ان ڏهاڙي پرلئہ ايندي. "

" وينا مان توکي سڃاڻان. هڪ تہ زميناري خون، ٻيو ڳوناڻي، ٽيون اوچ خاندان يعني برهمڻ گهراڻي سان تعلق، چوٿون خودي ۽ خودداريءَ جو جذبو، غرور، غيرت ۽ جنون ٻيلي توکي مڃائڻ محال آهي. پر وري بہ مان تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار رهندس خبر نہ آهي چو تو لاءِ دل ۾ احساس ٿئي ٿو. سوچي وٺ - سوچي وٺ - وينا سوچي وٺ. اڄ گهران ڪڍين ٿي پر اُهو وقت پري نہ آهي، جڏهن تون مونکي پنهنجو سونهون بڻائي منهنجو استعمال دل تي ڪندينءَ، پر اُن وقت - ها اُن وقت تون اُن فن کان محروم رهندينءَ. منهنجون آزيون نيزاريون ڪندينءَ پر مان اُن بلنديءَ تي هوندس جنهن کي تو لاءِ ڇهڻ مشڪل ۽ محال هوندو. منزل پائڻ لاءِ تون لڙڪ لاڙيندينءَ، پيڙا ۾ تڙڦندينءَ ۽ مان اُن "وقت" ۽ موقعي جيان آهيان جيڪو هڪ واري هٿان نڪري ويندو آهي تہ وري واپس نہ ايندو آهي. تون روئندينءَ، زار زار روئندينءَ. "

" روئندا منهنجا دشمن. مان چوان ٿي هتان نڪري وڃ. نڪرين ٿو يا نہ؟ نہ تہ ڌڪا ڏيئي گهران ٻاهر ڪڍنديسانءِ. "

" وينا ياد رک - مونکي اڄ واري ذلت ياد رهندي. مان توکي تڙڦائيندس، نيچو نوائيندس. مان اَڄ سڄڻ سڄڻ بڻجي توکي صلاح ڏئي، خيرخواه بڻجي دنياداري ۽ حالتن کان واقف ڪيو. دوست بڻجي

دوستيءَ جو هٿ وڌايو، تو اُن کي نڪرائي مونکي بي عزت ڪيو آهي. مان اِها توهين (بي عزتي) هرگز نہ وساري سگهندس، بلڪل نہ. "

" چڱو ...... چڱو ...... هاڻي جناب هتان نڪري وڃ. "

" وڃان ٿو، وڃان ٿو، در ڇو ٿي ڀڃين؟ ايڏو زوردار ڌماڪو ڪيو اَٿيئي جو منهنجو خوف وچان هيانءُ ڏري پيو آهي. محترمہ ڏاڍي گرم مزاج جي آهين."

" نيڪ آهي، نيڪ آهي، اِها پڻ پڻ وڃي ٻين جي اڳيان ڪر. "

- ويو مئو ماريو - چريو ڪٿان جو - خبر نہ آهي ڪهڙا ڪهڙا جيو ڀڳوان پيدا ڪيا آهن. رڳو وتن گهرن ۾ جهيڙا وچڙائيندا. دلين ۾ وير ويڇا پيدا ڪندا. وتن ليون ٻوڙن سان ۽ ٻوڙا لئين سان وچڙائيندا. ڀڙ ڀڙ ڇيٽا جنگ مچاءِ - شانت من کي اچي نياڳي تپايو. " آءُ تہ پينر ڪلھ ڪريون. " اصل سيڙجي جهيڙي لاءِ سندرو ٻڌي گهرن ۾ گهڙي پون. ٻلي وانگر ست در جيستائين نہ نوسين تيستائين ماني هضم نہ ٿئين، پل تہ " پنيور کي باھ لڳي " اهڙا حرفت باز خالق ڇو خلقيا آهن؟ "

(پڙاڏي جي گونج)

" هي .... هي سنسار .... هيءَ سرشٽي ..... هيءَ "

" هيءُ آواز ..... هيءُ آواز ڪنهن جو آ.......... ڪنهن جو آ هيءُ آواز .... "

" هيءُ سنسار .... چڪر آ.......... ها اهڙو چڪر جيڪو هر اِنسان کي گهيري ٿو .... چڪر آ .... "

" هي پڳوان! هيءُ آواز ڪٿان پيو اچي .... ڪير آهي .... مونکي تنهنجي صورت ڇو نہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي.... ڇهرو نظر نٿو اچي صرف آواز جي گونج.... تون.... تون ڪير آهين؟.... سامهون ڇو نہ ٿو اچين؟ ڪهڙي ڪنڊ ۾ آهين؟ تنهنجو آواز پڙاڏو بڻجي گونججي رهيو آهي. ٻڌائين ڇو نہ ٿو، تون ڪير آهين؟

(پــڙاڏو)

" هيءُ سنسار چڪر آ .... ها اهڙو چڪي .... جيستائين اِنسان جيئرو آ اِن چار ۾ ڦاسي ٿو ...... اِن چڪر جي مهاڄار ۾ وڪوڙجي ٿو - اِن مهاڄار کان مکتي ملڻ مشڪل آ..... موهہ، مايا، واسنا، ساڌنا، حوس ۽ هبڃ جو مهاڄار ...... اِن مهاڄار جي دٻڻ مان نڪرڻ بدران وجي ٿو اندر پوندو ...... سنساري مهاڄار جي پونٺر ۾ غوطا کائيندي بہ 'جيئڻ' ۽ 'حاصل' ڪرڻ لاءِ ڪناري جي پائڻ جي جستجو ڪري ٿو. اِن چڪر کان بچڻ مشڪل آ. "

" هي پڳوان اِن کان مکتي ڏيار. "

(پــڙاڏو)

" ها ها......... ها ها.......... ها ها ها.......... مڪتي .... مڪتي .... اِنسانن لاءِ اِن مهاڄار مان مکتي ڪٿي؟ "

" هي پڳوان هيءُ آواز ڪٿان پيو اچي ...... منهنجي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي رهيا آهن .... هيءُ نغارن جا آواز .... هيءَ تجلا ڏيندڙ روشني .... ڪٿان داخل ٿي آهي؟ "

" هيءُ سنسار چڪر آ ...... چڪر ...... چڪر آ ...... چڪر ...... جيستائين پراڻ آهن تيستائين اِن سنساري مهاڄار ۾ ڦاٿل آ. توکي

شرير جي تياڳڻ سان ئي هن جنم مان ۽ وري نئون جنم ...... نئين جون. "

oklkafl th.kkZfu ;Fkk fogkj uokfu
x`g.kkfu ujksijkf.k A
uFkk `kjhjkf.k fogkj th.kkZU;U;fu
la;fr uokfu nsgh AA

" جهڙيءَ طرح پراڻا ڪپڙا لاهي نوان ڪپڙا ڪرڻ ۾ اچن ٿا، تهڙيءَ طرح هي جيو آتما بہ هڪڙا جهونا شرير ڇڏي ٻين نون ۾ وڃي ٿو. "

(شريمد ڀڳوت گيتا)

TkkrL; fg /kzq oks e`R;q /kzq oa
e`rL; pA
rLeknifjgk;sZFksZ u Roa
'kksfprqegZfl AA

" ڄاڪاڻ تہ جو ڄائو آ سو نيٺ مرندو ۽ جو مئو آهي سو نئين سر ڄمندو - تنهن ڪري تون اهڙيءَ اڻ ٽر وستوءَ جو شوڪ نہ ڪر. "

هن سنسار ۾ جنم مرڻ جو چڪر هلندو رهندو. هڪڙا ڄمندا ٻيا مرندا.

" مرڻ جيئڻ جو سنساري چڪر "

(شريمد ڀڳوت گيتا)

vFk pSua fuR;tkr fuR; ok e`re~ A
rFkkfi Roa egkokgks uSua
'kksfprqegZfl AA

" جيڪڏهين آتما هميشہ مرندڙ ۽ ڄمندڙ بہ ڪٽي هجي، تڏهن بہ تہ اهڙي ويندڙ شيءَ جو ارمان نہ ڪر. "

نہ مڪتي.......... نہ مڪتي..........

" جا ڳالهہ اصل چنتا ڪرڻ جي لائق ئي نہ آهي تنهنجي چنتا پيو ڪرين ۽ وري ڳالهيون پنڊتن جهڙيون پيو ڪرين پر خبر اٿيئي پنڊت مرڻ جيئڻ جو شوڪ نہ ڪندا آهن. "

“ From the unreal lead me to the real, from darkness lead me to the light from death lead me to the immortality. ”

Upansehd

Hindvasi 19th June 1988

ڪتابي سمالوچنا

" هندواسي "

پڪا ۾ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا

وينا شرنگي (سفرنامو) ڇپائيندڙ : پرميلا پبليڪيشن 84 - C اِندر پوري، نئين دهلي – 12، صفحا 218، قيمت 55 روپيا.

وينا جو هيءُ سفرنامو پڙهندي الائي ڇو ڪرشن راهيءَ جو هيءُ بيت من تي تري آيو:

جيڪي هت ڄميا، سي پڻ سنڌي سڏبا،
سنڌي ٿي ٻه سنڌ کي، ڏسڻ ڪون سگهندا،
ڏارين وانگيان جڏهين، سنڌ وڃي ڏسندا،
ماڻهو اِئين چوندا ته، سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ.

وينا ڄاول سنڌ جي آهي، پر ويهارو سالن جي وطن کان وڇوڙي بعد جڏهن سنڌ جي سفر تي ويئي آهي ته سندس منووگيانڪ حالت، من جي آترويلا، انتظار پري لوڇ ۾ شين توڙي واقعن ڏانهن گهري ممتا ۾ لالسا اُها ئي آهي، جيڪا اُن شخص ۾ ٿئي، جنهن ڄڻ سڀ ڪجھ وڃايو هجي ۽ اوچتو اُن کي ڳولهڻ، ڏسڻ ۽ پائڻ جو وجھ مليو هجيس. وينا چاهيو آهي ته محدود ۽ ٿوري وقت ۾ سنڌ جي ماحول، سنڌ جي شاهوڪار ورثي ۽ سنڌ جي روح کي جهٽي وٺي. سنڌ کي Rediscover ڪري، ڇو ته هن ڪانپوءِ " الله " ڄاڻي ته ڇا ٿئي! اهڙي پيڙا جو پڙاڏو سندس اکرن ۾ "...... سرحدن کي الڳ ڪندڙ اُهو صليب آهي، جنهن تي جسم ۽ روح لٽڪيل آهن- ٻي خبر نه آهي...... پر مرڻ ڪانپوءِ اُن منظر کي سمائڻ لاءِ هيءُ اکيون اڌ کليون رهنديون. "

هنيون منهنجو هت ٿيو، هت مٽي ۾ ماھ .

وينا جيءُ ڪولي سنڌ جو سير ڪيو آهي. ائين چوڻ تہ هن سڄي سنڌ جي مٽي ڇاڻي آهي، شايد وڏاءُ ٿئي پر يقين ڄاڻو تہ سنڌ جي تهذيبي مرڪزن، اتهاسڪ هنڌن، خوبصورت آستانن ۽ محبوبڙن ماڻهن مان ڪو ورلي آهي، جنهن سان هوءَ نہ ملي هجي يا نہ ڏٺو هجي. لڳي ٿو ڪا پياس آهي، جنهن کي ٻجهائڻ لاءِ هوءَ سرگردان آهي. وقتي سچ پچ اُڃ - بک جو اونو بہ نہ رهيو اٿس. هن اُڏيري لال جي جوتين وارو مندر بہ ڏٺو، جنهن کي هندو مسلم اجا تائين پوڄين ٿا تہ پٽ شاهہ جو مقبرو بہ ڏٺو، جو اڄ بہ سنڌي تهذيب جو روشن منار آهي ۽ پوري سنڌ جي خلق کي سڪون ٿو بخشي ۽ اخلاقي ٻل ٿو ڏئي. هن قرار ڍنڍ جو مشاهدو ماڻيو، تہ ڪينجهر ڍنڍ جي حسين منظر کي لهندڙ سج جي لالڻ ۾ ڏٺو. اُها ڍنڍ جنهن کي شاهہ لطيف، نوري ۽ ڄام تماچي جي قصي ۾ امر بڻائي ڇڏيو آهي. هوءَ مڪلي ٽڪريءَ تي بہ ويئي، جتي سنڌوءَ جي ماضيءَ جو اِتهاس دفنايو پيو آهي تہ پنيور جي کنڊهرن ۾ سسئي جي ورلاپ جا پڙاڏا بہ ٻڌائين. هن اروڙ جو اِتهاسڪ قلعو ۽ مندر بہ ڏٺو جتي سنڌ جو آخرين راجا ڏاهر راڄ ڪندو هو. ساڌ ٻيلي جو دلفريب ديدار تہ ڪيائين پر اُتي ماني ۽ پاڻيءَ جو لطف بہ ماڻي آئي ۽ ٻيو بہ گهڻو ڏٺائين ۽ ماڻيائين.

سڄي سفرنامي ۾ اِسٽول منظر - ڪشيءَ ڪان وڏيڪ نازڪ ۽ اَهم آهن اُنجا تاثرات جيڪي ليڪڪا نهايت ئي سچائي سان چٽيا آهن ۽ سهڻيون تصويرون ناهي ورتيون آهن. اُهي تصويرون ڪٿي دک ۽ درد جو احساس ٿيون ڏيارين، ڪٿي سوچ جي پرن تي ٿيون اڏائين. ڪٿي غصي ۽ ڌڪار جي ڌارا ۾ ٿيون وهائين تہ ڪٿي موج ۽ مستيءَ جي عالم ۾ ڇڪي ٿيون وٺن. ڪي لمحا اِنتهائي دلفريب تہ ڪي پيڙا ڏيندڙ.

وينا پهرين ڏينهن ئي شهداد ڪوٽ واري پنهنجي ويران گهر جو ورنن ڪندي، درد جي هڪ سُٽ جاڳائي آهي. ساڳي سوٽ هن

اِظهار مان پڻ اُتي ٿي : " شڪارپوري ڪلفي نہ ڪائي پچتائڻ ڪان، ڪائي پچتائڻ پلو پائيم. " سنڌ يونيورسٽي (ڄامشورو) ۾ سنڌالاجي ڊپارٽمينٽ، جتي جڳ سنڌ جي تهذيب جو بيبها ۽ اَڻميو خزانو گڏ ڪيو پيو وڃي، اُتي پهچڻ سان وينا جو قد هرڪيوليس جيڏو (جسماني نہ، اِخلاقي ۽ ذهني طور) ٿي ويو آهي. پنهنجي شاهوڪار ماضيءَ تي اٿاهہ فخر ۽ ڳاٽ اوچو - " اگر دنيا جي نگاهہ سنڌيت جي علامت عظيم اداري سنڌالاجي تي پوي تہ اُنهن کي پنهنجو رخ ۽ رويو بدلائڻو پوندو. " ساڳيءَ طرح ڪلفٽن ۽ هاڪس بي جي شيل شغل ڪرڻ وقت ليکڪا اهڙي سروُر ۽ ڪيفيت ۾ آهي، جڳ سڌ ٻڌ وڃايل، يادگيرين جي ڪنجن جي ولر سان اُڏامندڙ ۽ ٻيون خوبصورت چيزون آهن. مثال طور - " آءُ وات وڪيل " سپني کي هن ننڍڙي نوٽ ۾ بند ڪرڻ ڏکيو آهي.

گرامر واري پهلوءَ کي پاسيرو رکي مان چوندس تہ ليکڪا جي ٻولي ڏاڍي برجستي آهي ٻوليءَ تي قبضو اٿس. شهري ۽ ڳوناٺي ٻوليءَ جو سهڻو سنگم آهي، جنهن ۾ پنهنجي پوڻ جو سڳنڌ ۽ ميناج آهي. ڪي ڪي مهاورا اهڙا ٻہ اِستعمال ٿي ڪري جيڪي رواجي اِستري ليکڪا جي پهچ کان پري آهن. صرف ٿورا مثال : پيران پير، دستگير جي ڊوهي اٿو، هنن جو دين ايمان صرف ڌن دولت، نانوَ جي بک ۽ زن آهي، غيرت صرف مردن جي جاگير نہ آهي، اک پٽڻ کان اڳ عورت جو سوَدو ڪيو ويندو آهي، ڏهہ پيرا عشق جو اِظهار ڪرڻ مردن جي جنم ڪنڊليءَ ۾ لکيل آهي وغيرهہ وغيرهہ.

باقي هڪ ڳالهہ - هن سفرنامي ۾ شخص جي خالي خالي وجود جي پيڙا جو درد - انفرادي سطح کان اُپري گڏيل درد جو آڪار ٻڌجي پيو آهي. جيڪو بہ حساس دل پڙهندو، سو درد کي پنهنجو ئي سمجهندو.

ڪيرت ٻاٻاڻي

جهولي لعل

ڪجهہ تازا سنڌي ڪتاب

1 مئي 1989 **اي.جي. اُتم**

" **زندگي هڪ ناٽڪ** " هڪ نئين ليکڪا ڪماري وينا شرنگيءَ جو آهي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو هڪ ٻئي پنيان نيون ليکڪائون اُسري رهيون آهن. وينا هڪ ٻئي پنيان 4 سالن ۾ ٽي ڪتاب
" ڪئن وساريان ويڙهيچن "
" منهنجي پيشي جا گل وَ خار "
" پکا ۽ پنوهار ڏٺي مون ڏينهن ٽيا "
لکي ڏاڍ ڄمائي آهي. هي چوٿون ڪتاب سنڌي ساهت ۾ هڪ وڌيڪ اِضافو آهي. هن نئين ليکڪا جي ٻولي بہ سليس ۽ وڻندڙ آهي جئن ڇهن ئي ڪهاڻين مان ظاهر آهي. وينا کي لکڻ لاءِ سماجي حقيقت نگاري ۽ سنڌيت جو مقصد آهي جو مهاڳ ۾ ٻڌايو اٿس. ڪهاڻين ۾ عورت جي خلظوميت، ورهاڱي جي درد ۽ اسانجي روحاني ۽ پنگتي ڪم ڪندڙن ۾ ڦهليل ٻهروپ جو چٽر چٽيل آهي. خاص ڪري **"زندگي هڪ ناٽڪ" "منهنجو وطن" "ڪي ڏر بہ اوڏا سپرين"** ۽ **"ستي ٿي سيڙائي، لنڊي ٿي لاڏ ڪري"** اثردار ڪهاڻيون آهن. پوئين تہ بهترين سنڌي مذاقي ۽ طنزي ڪهاڻين مان هڪ آهي. اُها سپڪ ٻولي سياويڪ ڪردار نگاري ۽ حقيقي چترڪاري جو مڌر ميلاپ آهي جا ڪامياب ڪهاڻي ليکڪا ٿي سڌ ڪريس.

نئين ڪهاڻيڪار وينا ڪاميابيءَ ڏانهن وک وڌائي آهي.

"Sangat" quarterly by (SANA)

(Sindhi Association of North America)

Keyan Visaryan Verichan

(Reminiscences)

Author - Veena Shringi

This is a 125 pages book written by a well known All India Sindhi Program Radio Announcer. Her language is everyday Sindhi used in Sind and does not contain Hindi or Sanskrit words usually in abundance in books written by Indian Sindhi writers. The book is about the events, experiences and accomplishments of the author who grew up in Shadadkoat, district Larkana in Sind. Her book has introduced a new and novel writing style which would undoubtedly command a distinguished place in Sindhi literature. She has written about life in the background of Hindu-Muslim common heritage, Simple lifestyle of Sindhis, combined family system, pure sentiments of Sindhi women, etc. Overall, this is a very good book and is recommended for reading by everybody.

NEW DELHI : THE CITY MAGZINE : APRIL, 1988

Veena is proud of the Sindhi culture which dates back to Mohanjodaro. According to her, Sindhis in India have been scattered all over the country. Veena feels discouraged the way Sindhi literature gets a

poor response from Sindhis in New Delhi. With opportunities being very few, most Sindhi writers are sitting at home and appreciating their own works. She feels amazed the way Sindhi culture is prospering in a Pakistan, where people are very conscious of preserving Sindhi language and culture.

EVENING NEWS : THURSDAY DEC. 31ST 1987

VEENA SHRINGI FIGHTING FOR A CAUSE

After graduation. Veena took ana appointment with All India Radio in the Sindhi Service of External Services Division, in 1976 where she is continuing as producer, Translator and Announcer of programmes in Sindhi' From her early days she took keen interest in Sindhi language and literature for which she was inspired by her Karachi-born talented mother Sati Gopi Krishan, a popular writer in Sindhi and renowned social worker of her times.

Veena has so far authored three books in Sindhi language. Her first book **"KIAN VISARYAN VERHEECHAN" (**Reminiscences of Sindh**)** was published in 1984 and won her an award from Union Ministry of Education. This book was later included in the exhibits of the recently held Indian Book Fair at Moscow. Her second work **"Mohinje Peshe-Ja-Gul Ain Khar"** was published in 1985 and received avide acclaiming. The third book **"Pakha Ain Panwahar Dithe Mun Deehan Thaiya" (**A Travelogue on Pakistan**)** has been published recently.

(*****************)

EVENING NEWS, DEC. 31, 1987

Veena has so far authored four books. Her first book, KIAN VISARYAN VERHEECAN (Reminiscences of Sindh) was published in 1984 and won her an award from Union Ministry of Education.

SANGAT-QUARTERLY BY (SANA)

Her book (Kian Visaryan Verheecan) has introduced a new and novel writing style which would undoubtdly command a distinguished place in Sindhi literature.

NEW DELHI, THE CITY MAGAZINE, APRIL 1988

Veena is proud of the Sindhi culture which dates back to Mohanjodaro. She feels amazed the way Sindhi culture is prospering in Sindh where people are very conscious of preserving Sindhi language, and Culture.